
# پیر بادشاهـ
# لواري شريف

پـاران:-

ناجیـه شاگرد تنظیم (نشات)
جماعت لواري شريف

Marfat.com


Kūh-e Darreh Soleymān
Kūh-e Do Hend
Rūdkhāneh-ye Vashnaveh
Tīreh
Khāveh
Gargeh (farm)
Ahmadābād (farm)
Bīd Sāber (farm)
Sar Rūdkhāneh (farm)
Zalūnjeh (farm)
Sarkesh (farm)
Darreh Soleymān (farm)
Do Ebdūn (farm)
Avar (farm)
Soltān Sa'īd Shāh
2061
1939
2000
1900
1800
1700
93
94
95
96
97
98

Marfat.com

نشات جي ڪتابي ڪڙي نمبر ١

[حق ۽ واسطا قائم]

53523

ڪتاب : پير بادشاهه لواري شريف ڀاڱو چوٿون
سهيڙيندڙ : احسان گل ڏاهري
تاريخ : ٤- آگسٽ ١٩٨٦ع
ڇاپو : پهريون
ڇپائيندڙ : نشات
ڇاپيندڙ : ايم- خان پرنٽنگ پريس لگ حيدر چوڪ گاڏي کاتو حيدرآباد سنڌ.
ڳاڻيٽو : هڪ هزار

ملڻ جا هنڌ:-

(١) درگاهه لواري شريف، تعلقه و ضلع بدين
(٢) درگاه شريف حضرت قاضي احمد، تعلقه سڪرنڊ ضلع نوابشاه
(٣) اسلام قلب، ٦٧ گارڊن ايسٽ، ڪراچي نمبر٣

Pir Badshah Luari Sharif Vol: 4, Edited by Ahsan Gul Dahri, The 10th Presentation of Najia Shagrid Tanzeem Jamait Luari Sharif, on 4th Aniversary of His Holincss. Pir Gul Hassan Siddique, 7th Sajjadah Nasheen of Dargah Luari Sharif.

Marfat.com

# سٽاءُ


| صفحو | عنوان |
| --- | --- |
| ۷ کان ۱۰ | تصاوير مبارڪ |
| | **پيغام:** |
| ۱۱ | سجاده نشين درگاهه عاليه لواري شريف |
| | **مهاڳ:** |
| ۱۳ کان ۱۷ | مير محمد پيرزادو |
| | **عڪس:** |
| ۱۹ کان ۲۲ | هٿ اکر حضرت پير بادشاه قدس سره، |
| | **تحريرون:** |
| ۲۵ کان ۳۴ | حضرت پير بادشاهه قدس سره، |
| | **مضمون:** |
| ۳۵ کان ۸۹ | سيد احسان احمد شاهه لڪياري دڙائي |
| | **ملفوظات:** |
| ۹۰ | حضرت پير بادشاهه قدس سره، |
| | **پنهنجي پاران:** |
| ۹۱ کان ۹۲ | مرتب |
| | **شهيد جمع ڪڪراڻي کي خراج عقيدت:** |
| پس ورق | مرتب |


Marfat.com

بیاور گــل حسن شــاهم پــاک پــرنور،
ز انــوا رات ذاتــي خــوش نمــا داد.

—

خــرد گـفـتـا ز اصــلاب مــبــارک،
شدهم احمد زمــان از گــل حسن شــاد.

(قاضي ابو الحسن متیاروي رحم)

Marfat.com

785

**حضرت امام العالمين خواجه احمد زمان قدس سره، جن جي حضرت پير بادشاهه خواجه گل حسن قدس سره، ڏانهن لکيل هڪ مڪتوب مان اقتباس:**

”ٻچا منهنجا، دنيا جي حالت نهايت نازڪ آهي. مهرباني ڪري هر ڪم علي الخصوص هر هڪ انتظام نهايت سوچ ۽ نهايت ويچار سان ڪندا ڪريو. منهنجي مصلحت يا صلاح يا مشورت جي راه جوئي يا انتظار نه ڪندا ڪريو. منهنجي حڪم پهچڻ تائين ڪنهن به ڪم جي سرانجامي ۾ دير وجهو، ايئين نه ڪندا ڪريو. اوهان کي مون کان گهڻو پري رهڻو ٿو پوي، ڪٿي امرتسر ته ڪٿي ڪراچي. مون اوهان کي اختيار ڪلي ڏيئي ڇڏيو آهي. آءٌ ڪو اوهان کان باز پرس ڪونه ڪندس، سياه سفيد جو اختيار اوهان کي آهي. مهرباني ڪري سوچ ۽ ويچار پوري پوري ڪرڻ بعد هر ڪو ڪم ڪندا ڪجو. خاص خيال رکجو ته اشد ضروري انتظامن ۾ ڪجهه فرق يا تفاوت واقع نه ٿئي- عاقل را اشاره بس است.“

(٧- مارچ ١٩٣١ع)


Marfat.com

آ نورو نور نرمل، نور تنهنجي آ نگاهہ،
نور تنهنجي جاءِ جاگهہ، نور تنهنجي خانگاهہ،
نور مسجد، نور منبر، نور روضو گل گياهہ،
نور در درگاهہ تنهنجي، نور بيشڪ بارگاهہ.

(حمل فقير رحہ)

Marfat.com

ذخیرہ
لاہور پاکستان



درگاهہ فلک پائگاهہ حضرت سلطان الاولياء خاتم الولايت،
خواجہ محمد زمان صديقي نقشبندي قدس سرہ،
باني درگاهہ عاليہ لواري شريف

Marfat.com



حضرت امام العالمين خواجه پير احمد زمان صديقي نقشبندي قدس سره،
ڇهون سجاده نشين درگاهه عاليه لواري شريف

Marfat.com



حضرت پير بادشاه، خواجه پير گل حسن صديقي نقشبندي قدس سره،
ستون سجاده نشين درگاه عاليه لواري شريف

Marfat.com



حضرت قبلہ سائين پير فيض محمد نقشبندي مدظلہ العالي
سجادہ نشين درگاھ عاليہ لواري شريف

Marfat.com

# پيغام

حضرت قبلہ گاھہ مرشدنا پير بادشاھہ قدس سره' جن جي زندگي مبارڪ تي ھي ڇوٽون ڪتاب نوجوان شاگردن، ناچيز جماعت لواري شريف طرفان ڇپائي سندن عرس مبارڪ تي ناظرين جي اڳيان آندو آھي ۽ نهايت محنت ڪان ڪم وٺي مواد گڏ ڪيو اٿن.

حضرت قدس سره' جن جون تحريرون ۽ تقريرون پليل انسانيت لاءِ مشعل راھہ آھن.

خداوند ڪريم سڀني کي حضرت قدس سره' جن جي تعليم ۽ امر تي ھلڻ جي توفيق عطا ڪري-

والله الهادي.

**فيض محمد نقشبندي مجددي**

(حضرت قبلہ پير فيض محمد نقشبندي مجددي مدظلہ العالي
سجاده نشين درگاھہ عاليہ لواري شريف.)

Marfat.com

Marfat.com

# مهاڳ

سڀ ڪان پهرين تہ آءٌ اها وضاحت ڪندو هلان تہ اڄ جنهن متبرڪ شخصيت تي لکيل ڪتاب جو مهاڳ لکڻ لاءِ مون کي چيو ويو آهي، يعني حضرت پير بادشاهہ خواجہ گل حسن صديقي نقشبندي مجددي قدس سره' جن جي شخصيت بابت لکيل ڪتاب جي مهاڳ لاءِ تہ ڪنهن اهڙي روحاني ڪمالات حاصل ڪيل شخص کي چيو وڃي ها، جيڪو جديد کان جديد علوم کان وٺي قديم کان قديم علوم تائين دسترس رکندڙ هجي ها. جيڪو تاريخ، جاگرافي، سائنس، فن، فلسفي، اسلاميات ۽ ٻين انيڪ علمن جي بڻ بنياد کان پوريءَ طرح واقف هجي ها. جيڪو زراعت، مويشيت، طب، آرڪيالاجي ۽ ايسترانامي جو ڄاڻو هجي ها. جيڪو ٻڌائي سگهي ها تہ حضرت پير بادشاهہ خواجہ گل حسن صديقي نقشبندي مجددي قدس سره' جن جي انهن علمن بابت ڄاڻ ڇا هئي ۽ روحاني ڪمالات جي منزل ڪهڙي هئي. ڇوتہ انهن هستين جي ماهيت ڄاڻڻ لاءِ نہ ڪي هي عنصري اکيون ڪم ڪري سگهنديون آهن، نہ ڪي اهي ڪن ٻڌي انهن جي گفتن مان حقيقي، روحاني مواد حاصل ڪرڻ جي قابل هوندا آهن. ان ڳالهہ جي وضاحت شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ پنهنجي ٻن شعرن ۾ هن ريت ڪئي آهي:

اَپٽيان تہ انديون، پوريون پرين پسن؛
آهي اکڙين؛ عجب پر پسڻ جي.

يا

اکيون سي ڏي ڏار، جنهن سان پسين پرينءَ کي.

يا جيئن ميون شاهہ ڪريم ڪنہ بابت چوي ٿو تہ:

هي ڪن ڳاڙهان وڪڻي، نوان ڪن ڳنهيچ،
تنين ساڻ سٽيچ، پريان سندي ڳالهڙي.

سو عرض پڻي ڪيم ته انهن اعلى مرتبت شخصيتن جي باري ۾ ڪجهه لکڻ لاءِ جنهن اهليت، قدر شناسيءَ ۽ قابليت جي ضرورت هوندي آهي، آءٌ ان کان بلڪل ڪورو آهيان. پر جيئن ته انهن سيني مجبورين جي باوجود اهو پنهنجي ضمير جو فرض سمجهان ٿو ته لکان، پوءِ جيڪي ڪجهه اچي سو لکان. چوته سندن شان ۾ لکڻ جو ته ڪوبه ڇيهه ڪونهي. ڪير ڪيترو به لکي پر ڇڻ ته ڪنهن ننڍڙي جهرڪي وهندڙ درياهه مان چنهنب هڻي پاڻيءَ جو ڦڙو ڪڍي ورتو. جنهن جيترو به بيان ڪيو، اهو اوترو تشنهه رهيو. هر ليکڪ، اديب ۽ دانشور کي اها ئي شڪايت رهي ته انهن جي ساراهه ڪرڻ لاءِ، انهن جي ماهيت بيان ڪرڻ لاءِ، انهن تي ويچارڻ لاءِ ۽ انهن جي بيان جو اپٽار ڪرڻ لاءِ هيءَ هڪڙي حياتي ناڪافي آهي. سنت ڪبيرداس ان ڏس ۾ هڪ دوهي جي بن سٽن ۾ چيا ته چيو آهي:

ڌرتي ڪُرو جي ڪاڳر ڪرون، لکڻ ڪنون بنراهءَ؛
ساتي سمندر مس ڪرون، ايڪ ڳڻ نه لکيا جاهءَ.

مون جڏهن زير نظر ڪتاب جو سمورو مواد پڙهيو ته اُئين محسوس ٿيو ته پنن تي اُڪريل اهي لفظ، منجهن بيان ٿيل واقعن جون جيئريون جاڳنديون شڪليون وٺي، ڪنهن وڊيو ڪيسيٽ جيان هڪ هڪ ٿي منهنجي اکيان سراپا حقيقت بنجي گذريا، گذريا ڇا پر اڃا به گذري رهيا آهن ۽ مسلسل گذرندا رهندا. هي ڪتاب جنهن شخصيت حضرت پير بادشاهه خواجه گل حسن صديقي نقشبندي مجددي قدس سرهٗ جن جي باري ۾ لکيل آهي. اهو انهن جي برڪتن، شفقتن ۽ پنهنجي مريدن سان پيار جو ڪمال آهي؛ جو اڄ به جيڪڏهن ڪو فرد، دل مان بغض ۽ ڪينو ڪڍي، نيڪ نيتيءَ سان، دنيا

Marfat.com

ماسوا جي فڪرن ۽ خطرن کان پاڻ پلي، پنهنجي منهن ويهي هن ڪتاب کي پڙهندو ته، آءُ دعوىٰ سان چوان ٿو ته هو حضرت پير بادشاهه خواجه گل حسن صديقي نقشبندي قدس سره' جن سان گويا هم ڪلام ٿيندو ۽ سندس دنيوي توڙي اخروي گهرجون، ساڻ توصل مرشدنا جي، ان جو ان مهل پوريون ٿينديون ۽ کيس راهه مستقيم نصيب ٿيندي.

حضرت پير بادشاهه خواجه گل حسن صديقي نقشبندي مجددي قدس سره' جن جي گذاريل سموري زندگي؛ اسان جي لاءِ انسان بنجي رهڻ، خدا جي خوشنودي حاصل ڪرڻ، دين و دنيا جي نعمتن سان آراسته ٿيڻ لاءِ هڪ ڪاميو ڪلاڀو سبق آهي. هڪ سڌو سئون گس آهي. هڪ ضابطهء حيات آهي. هڪ ضابطهء اخلاق آهي. ڇا سندن مريدن ڏانهن شفقت ويهي بيان ڪبي، ته ڇا سندن بردباريءَ ۽ همت جا بيان ويهي لکبا. ڇا سندن دنياداريءَ بابت سمجهاڻيون ويهي ڪٿي ڪبيون، ته ڇا سندن ديندار يءَ جا داستان ويهي ڇٽبا. ڇا سندن سخاوت، عبادت ۽ رياضت جون ڪٿائون ڪٿبيون ته ڇا ويهي سندن طب، ڏاهپ ۽ هوشياريءَ جي باري ۾ ڪتاب لکبا. سچ پچ ته ڪو به انسان هن دنيا ۾ سندن متعلق مڪمل طور تي اڪڻ جو سوچي به نه ٿو سگهي. ڪم از ڪم مون پنهنجي زندگيءَ ۾ ساڻن جهڙي ملاقاتون ڪيون، تن ۾ مون اهڙا ماهر به ساڻن ملندي ڏٺا، جن جي هندين ماڳين هاڪ پئي پوندي هئي. پر اهي به جڏهن ساڻن سنمک ٿي ٿيا ته مون انهن کي سندن شاگردن کان به گهٽ معيار جو محسوس ڪيو. پاڻ هڪ ئي وقت زميندار به هئا ته فقير به هئا، پير به هئا ته عام ماڻهوءَ سان عام ماڻهو به هئا. اسلامي اسڪالر به هئا ته مغربي علوم جا ماهر به هئا. جڏهن دنيا جي معاشيات تي ويهي ڳالهائين، ته سمجهجي ته آهن ئي ان مضمون جا ماهر، پر جڏهن دنيا جي سياست تي ڳالهائين، ته ڇنجي ته اها ڳالهه ڪٿي ئي نه،

اڃا هلندي رهي. سمورن ٻاهرين دنيا ٿوڙي ملڪي مسئلن تي ڳالهائين، ته ڪلاڪن جا ڪلاڪ خبر نه آهي ته ڪيئن هڪ منٽ جي مانند گذري وڃن. زراعت، باغباني ۽ مال تي سندن چاهه ۽ انهن متعلق ڄاڻ ته دنيا ڀر ۾ پاڻ مڃائي چڪي هئي. مطلب ته ان قسم جي همه گير ۽ وصفن جي ڀنڊار شخصيت تي لکڻ لاءِ اسان جي لائق صد احترام ڀاءُ ميان احسان احمد شاهه قلم کڻي هڪ طرف بي انتها جرأت جو مثال پيش ڪيو آهي ته ٻئي طرف اهڙن لکين بلڪ ڪروڙين انسانن مٿان، پنهنجي احسان احمد شاهه، نالي مطابق احسان پڻ ڪيو اٿس. چوته، سالڪن جي صحبت هزارين سالن جي عبادت کان به ڪسر آهي. هيءَ هنن ڪتابن رستي جيڪا صحبت نصيب ٿئي ٿي سا پڻ قلبن مٿان ڪس لاهڻ جو نادر نسخو آهي. انهن واقعن، گفتگوئن، مجلسن ۽ ملاقاتن کي گڏ ڪرڻ سان گڏوگڏ سندن زندگيءَ متعلق هنڌان هنڌان کوجنا ڪرڻ کان پوءِ پاڻ جيڪو مواد گڏ ڪري اسان اڳيان آندو اٿن سو سندن محنتن جو ڪمال ڏيکاري ٿو. ان کان علاوه جيڪا شيءِ ٻين ادبي ڪتابن ۾ گهٽ نظر ايندي آهي ۽ هن ڪتاب ۾ وڌيڪ پئي ڏسڻ ۾ اچي ۽ ان جي ادبي معيار ۽ سونهن ۾ اضافو پئي ڪري سا آهي ميان احسان احمد شاهه جن جي "سليس عبارت".

ميان احسان احمد شاهه جن سان، جنهن جنهن جي ملاقات ٿي هوندي سو ان ڳالهه کان بلڪل واقف هوندو ته شاهه صاحب سندس والد محترم ميان ابوطالب شاهه عليه رحمت جن جيان سچ گو ڏسڻ ۾ ايندو، جيڪي دل ۾ ايندس ته ٺڪائي ڏيندو. جهڙو سڌو سنئون ۽ سولو طبيعت ۾ آهي، اهڙي ئي سڌي سنئين، بنا ورن وڪڙن جي، عام فهم آهي سندس لکڻيءَ جي عبارت. جنهن سان ايترن ٨٠ ڪن صفحن کي پڙهندي ڪابه ڏکيائي، مونجهه يا ٿڪاوٽ نه ٿيندي. اسين ميان احسان احمد شاهه جن کان، اها پڻ اميد رکون ٿا ته هو پنهنجي انهن سٽن

Marfat.com

ٻولن سان اسان کي درگاهه لواري شريف جي ٻين برگزيدن ۽ درگاهه قاضي احمد جي سلفن بابت ان قسم جي ڇاڻ گڏ ڪري مهيا ڪندا رهندا. جيڪا هڪ طرف سندن عبادت ۾ شمار ٿيندي ته ٻئي طرف اسان جهڙن اڻ ڄاڻن کي ڄاڻ ڏيڻ جو باعث بڻبي. آخر ۾ آءٌ سڀني پڙهندڙن اڳيان وينتي ڪندس ته مهرباني ڪري هن ڪتاب کي ڳوڙهي خيال ۽ گهرائيءَ سان پڙهي منجهانئس دين ۽ دنيا جي رهنمائي حاصل ڪن. ان سان گڏوگڏ هن مضمون جوڙڻ تي جيڪا محنت، جانفشاني ۽ جاکوڙ ميان احسان احمد شاهه جن ڪئي آهي ۽ هن مضمون کي مڪمل ڪري اسان اڳيان آندو آهي ۽ پڻ ناچيز شاگرد تنظيم (نشات) جماعت لواري شريف جي سرگرم ڪارڪنن، جن پنهنجي ڏينهن رات جي محنت سان هن ڪتاب کي ترتيب ڏيئي مڪمل ڪيو آهي ۽ جن اهو پڪو پهه ڪيو آهي ته هن سلسلي کي حتي المقدور جاري رکندا تنهن لاءِ کين مبارڪون ڏيڻ کان سواءِ نٿو رهي سگهان. شال مولي الڪلءُ عزةٌ وَ جَلءُ کين صحت بخشي ۽ منجهن پنهنجي شناس قائم رکي. (آمين)

خادم درگاهه لواري شريف

سڪرنڊ — مير محمد پيرزادو

١٠ جون ٨٦ع ٢ شوال ١٤٠٦ هه

حضرت پير بادشاه [قدس سره' جن نهايت گهري مطالعي جا صاحب هئا. مختلف ڪتاب، رسالا، اخبارون ۽ مضمون روزانه سندن نظرن مان گذرندا هئا، انهن تي پنهنجا نوٽ لکندا هئا. اهڙا چند نڪته هئي، من و عن، تبرڪ طور شايع ڪيا وڃن ٿا. جيئن پڙهندڙن کي معلوم ٿي سگهي ته حضرت پير بادشاه قدس سره' جن جي مختلف مسئلن تي ڪيتري عميق نظر هئي.

(مرتب)

Marfat.com

ڏيندڙ فاضل انهن شعرن [struck] - ڪتاب ۾ جو شعر اڪثر ڏنو ويو آهي ڪون

جو متن نقيب جي برخلاف ڏنل آهي - ص ٩٥ شعرن جو حاشيو

جي فاضل مرتب سان تعلق رکي ٿو [struck] اهو بخش محمد جي

مرتب بلا شڪ صحيح آهي - جو ميان غلام شاه جو ڪتبو رحمه الله

غلام ڪلهوڙي - ص ٩٥ شعرن ۾ ڏنل جي تفصيل سان گاڏ ڪلهوڙن

واسطي سچي آهي خوش بخت جي حالت بر حاليس ڏس ٿو سو ڪهڙو

ٿو ڪري ڪهڙو ڪيو قسمت ص ١٣٣ بيمار جي حالت.

ص ۽ غلط ۽ شعر ڪيا آهن حافظ جي قال ئي

قائم رهيا هئا - نفس ۽ دنيا ان هدايت ٿي ڪامل

جنس رکي ٿو صيقل دنيا ۾ هئا حسن فاضل ٻئي ٿو تماشو

۽ نقد وهيو ڪلوڙ

[illegible] اجداد [illegible]

[illegible] حضرت خواجہ عبدالرحیم [illegible]

رحمت اللہ علیہ [illegible]

[illegible] صبح ازل [illegible] حضرت خواجہ عبدالرحیم [illegible]

[illegible]

[illegible] مولانا جلال الدین [illegible]

[illegible]

سنہ ۶۳۸ [illegible]

[illegible] اخبار مشائخ کرام جمع

Marfat.com

## سنڌي قوم جي بهادري متعلق سنڌين هڪ تحرير

حڪومت

جيئن ته هن وقت مجاهدن جي ڀرتي جو گهڻو رکيل آهي ماڻهن لاءِ ... جو

وڌ ڪيو ته ڪوشش ڪري زياده کان زياده مجاهدن جي ڀرتي ۾

شامل ٿيڻ سنڌي بهادر آهن ۽ آپ بنسبت بلوچ ۽ سڪيند بلوچ

۾ نمايان ڪارنامو ورتو هو - قندار ۽ ملڪ الڪبير - جيئن ته جيئن

ڪشميري لڙائي ۾ شامل هوا ۽ جنهن جو ذڪر ڪيو ته پاڪستان جي

ڀلائي لاءِ وڏي کان وڏي انداز ۾ اچي ڀرتي ٿين ۽ حڪومت سان

تعاون ڪري

حضرت پير بادشاه قدس سرهٗ جن جون تحريرون، جن جي ڪجهه حصن جا عڪس ڏنا ويا آهن، تن جو مڪمل متن پين تحريرن سميت هت سنڌي ۾ پيش ڪجي ٿو.

(مرتب)

Marfat.com

Marfat.com

هڪ مضمون، هلال پاڪستان ١٨- اپريل ١٩٧٨ع ۾ حضرت سلطان اولالياءِ خواجه محمد زمان جي شعر:

تانسين تون نه فقير، جا نسين سانگ سسي جو،
ماڻهو تن ملير، جن جسو مال مباح ڪيو.

جي شعر کي بجاءِ ان جي ته خدا جي راه ۾ پنهنجي پاڻ کي فنا ڪرڻ جي اشاري بدران ڪميونسٽ نظام ڏانهن اشارو ڪيو آهي. حالانڪه ايهو فلسفو نه ڪارل مارڪس (ڪميونزم نظريه جو باني) مزدڪ ۽ افلاطون (هڪ يوناني فلسفي) جو آهي ته سڀ ملڪيت سلطنت جي هجي ۽ حڪومت انهي جي تقسيم برابر برابر رعيت ۾ ڪري جن ۾ زالن جي باري ۾ به اهي ڪميونسٽ انهيءَ خيال تي هئا ته عورتون به ڪنهن خاص ماڻهو جي ملڪيت نه هجن. بلڪ عام ماڻهو جي شي هجن. سوشلزم ۽ ڪميونزم جي تعليم اسلام جي بالڪل برخلاف آهي. مٿئين شعر بابت علامه دائود پوٽي "ابيات سنڌي" (١) ۾ هن طرح لکيو آهي، "هن بيت ۾ تجريد ۽ تسليم ڏي اشارو آهي جن تي وصول (پهچڻ) جو مدار آهي." (٢) رومي رحه چيو آهي،

شرط تسليم ني ڪار دراز، يا تو گفتم اي پسر ڪن چشم باز

---

(١) حضرت سلطان الاولياءَ جي سنڌي ابيات جو مجموعه جو شهيد گرهوڙي ڪٺو ڪري عربي ۾ شرح ڪئي هئي. انهيءَ عربي تشريح کي علامه دائود پوٽي سنڌي ۾ ترجمو ڪري ١٩٣٩ع ۾ ڇاپرايو هو.

(٢) ابيات سنڌي ص ١١

Marfat.com

"تسليم جو شرط آهي، نه ڏکين ڳالهين جو تــوکي ٻڌايان ٿو اي پٽ اک پٽ". انهيءَ کري چيو اٿن، "الفقير ماله مباح' ودمه هدر"، يعني فقير جو مال مباح آهي ۽ خون مفت (ف) اهي ٿي پنهنجي منزل مقصود کي رسيا جن پنهنجو تن، من، ڌن خدا جي حوالي ڪيو. (١)

حضرت سلطان الاولياء جي شعر،

جاهل جنگ سڪن جو، عارف سور سهاء،
سورن سندي ساء، راحت رسي روح کي.

بابت علامه دائود پوٽي لکيو آهي ته بدن جي لذت روح لاءِ عذاب آهي بالعڪس، پوءِ جيڪو بدن جو گرفتار آهي يعني جنهن جو روح بدن کان ڌار نه ٿيو آهي تنهن کي روحاني لذت جي ڪهڙي خبر. جنهن جي بدني لذت عذاب ۾ آهي ڇاڪاڻ ته مرڻ کان اڳ مرڻ ڪري سندس روح بدن کان الڳ آهي (٢)

لواري جا لال ۾ آهي، "حضرت سلطان الاولياء جي اگر زندگي ڏٺي وڃي ته پاڻ خدا جي راه ۾ فنا هئا. ڪا گفتگو دنياوي نه هلندي هئي. اڪثر وقت مراقبي ۾ هوندا هئا. جڏهن ميان غلام شاهه ڪلهوڙه جاگير ڏيڻ جو خيال ڪيو ته فرمايائون ته جيڪو ماڻهو حاڪم سان دوستي رکي ٿو تنهن کي تــوڻ جي تنگي نه ٿي ٿئي. پلا اهو ماڻهو جيڪو حاڪم جي حاڪم ساڻ نيهن لائي ٿو سو ڪيئن محتاجي ۾ مبتلا ٿيندو. بلڪه اهو ماڻهو خود شهنشاهه آهي. ميان غلام شاهه جهڙا سهسين سندس غلام آهن. (١)

حضرت سلطان الاولياء وفات جي وقت ۾ به علاج نه ڪرايو بلڪه ديوان حافظ جي انهيءَ فال تي عمل ڪيائون ته

---

(١) ابيات سنڌي ص ١١
(٢) ابيات سنڌي ص ١
(٣) لواري جا لال ڀاڱو پهريون ڇاپو ص٨٥

Marfat.com

”اي نسيم شمال توکي خوش خبري هجي ته اسان جي وصال جو وقت اچي پهتو آهي.“ (۱)

اگر ڪوبه ماڻهو لواري جا لال پڙهي ته ان کي معلوم ٿيندو ته حضرت سلطان الاولياء ڪي سوشلسٽ يا ڪميونسٽ نه هوا بلڪه خدا جي راهه ۾ دنيا کان بيپرواهه هوا. مگر ائين نه آهي ته ڪو سندن تعليم دنيا کي ترڪ ڪرڻ جي هئي. جو اهو سندن قول ته نفس ۽ دنيا مان مطلب آهي حق کان غافل ٿيڻ.

چست دنيا از خدا غافل بدن،
نئي قماش و نقره و فرزندو زن. (۲)

يعني دنيا اها آهي ته خدا کان غافل ٿيڻ، سٺو لباس، چاندي، اولاد ۽ زال، جو مطلب نه آهي.

قرآن شريف ۾ سوره زخرف جي آيت آهي ته ”ڇا هو تنهن جي خدا جي مهرباني تقسيم ڪن ٿا؟ اسان تقسيم ڪيو آهي انهن جي روزي ۽ هڪڙن کي ٻين کان مٿي ڪيو آهي ته هڪڙو ٻئي کان ڪم وٺي. (۳)

نبي ڪريم ﷺ جي حديث ته الفقر فخري اوها فقيري آهي جيئن شيخ سعدي گلستان ۾ لکيو آهي ته ان جو مطلب آهي خدا جي رضا تي مرد ٿي راضي رهڻ. ورنه ٻي حديث ائين به آهي ته الفقر سوادالوجه في الدارين. يعني فقيري ڪارو منهن ڪندڙ آهي ٻنهي جهانن ۾. اوها مفلسي جنهن ۾ حق ۽ ناحق جي تميز نڪري وڃي ۽ مفلسي سببان غيرشرعي ڪم ڪري.

نوٽ:- هي (      ) لواري جا لعل، حضرت سلطان

---

(۱) لواري جا لال ٻيو ڇاپو ڊاڪٽر گربخشاڻي. ص ۱۰۳
خوش خبردار اي نشيم تحال ڪه عامي رسد زمان وصال
(۲) لواري جا لال، ڊاڪٽر گربخشاڻي ڇاپو ٻيو ص ۷۵
(۳) ڏسو آيت نمبر ۳۲ ”آهم يقسمون رحمت ربک نحن“

Marfat.com

الاولياء جي قولن سان لکيو.

حضرت سلطان الاولياء هڪ فقير کي موڪليو غلام شاه وٽ ته هي هي سوال ڪندو تنهن ۾ هڪ هي سوال به هو ته هو توکي چوندو تہ آءٌ جاگير عطا ڪريان، تون وراڻي ڏج تہ فقيرن جي کاڌ خوراڪ لاءِ اسان وٽ مٺو مال پيو آهي. مگر ڪنهن مهل احتياج ٿي ويوسين تہ جاگيرون وٺڻ ۽ سرڪاري نوڪري ڪرڻ کان ڪين گسنداسين. (١)

لواري جا لال نئون ڪڏهين به ڪو ڪم اهڙو نہ ڪيائون جو شريعت جي برخلاف هجي. ص ٨٥ نئون جو حاڪمن جي حاڪم سان تعلق ٿو رکي اهو ڪيئن محتاجي ۾ مبتلا ٿيندو. جو ميان غلام شاه جهڙا ڪيترائي سندس غلام آهن. ص ٩٥ نئون. ڏٺي جي فضل سان کاڌ خوراڪ واسطي سيڪي آهي ضرورت جي حالت ۾ جاگيرون ۽ سرڪاري نوڪري کان ڪين گسنداسين. ص ١٠٣ بيماري جي حالت ۾ علاج به نہ ڪرايائون، حافظ جي فال تي قائم رهيا. ص ٧٤ (٢) نفس ۽ دنيا سان مراد آهي حق کان غافل رهڻ.

چيست دنيا از خدا غافل بدن،
نئي قماش و نقره و فرزند و زن.

---

(١) لواري جا لال ڊاڪٽر گربخشاڻي. ڇاپو ٻيو ص ٩٥

(٢) اصل ۾ اهو احوال لواري جا لال نئون ڇاپو جي ص ٧٥ تي آهي

Marfat.com

ماستر احمد خان بلوچ جو ليک اخبار همدرد ۲۸ آڪٽوبر ۾ ڏنو ويو. ماستر صاحب جو حضرت خواجه عبدالرحيم گرهوڙي رحمة الله عليه جي پيشن گوئي تي اعتراض حقيقتاً صحيح نظر ٿو اچي، جو حضرت خواجه عبدالرحيم شروع ساڻ اهي اکر لکيا آهن ته ”آهي ڪشف ڪتاب ۾ اهڙي پچارا.“ ڪتاب الڪشف مولانا جلال الدين سيوطي جو لکيل اٽڪل ڇهه سؤ سال اڳ جو آهي، جنهن ۾ قيامت متعلق حديثون گڏ ڪري انهن جو احوال پنهنجي خيال موجب لکيو اٿس. مگر بعد جي زماني ۾ طرح طرح جي نموني ساڻ حضرت خواجه شهيد گرهوڙي جي نالي ساڻ منسوب ڪيل پيشن گويون مختلف ماڻهن خود ساخته ٺاهيون آهن، جيئن ته حضرت خواجه شهيد گرهوڙي سندس شعر کي منسوب ڪشف ڪتاب سان ڪيو آهي، جو ڪتاب صرف حديثن جي حوالي ساڻ قيامت جا آثار تاليف ڪيائون. ان مان اهو احوال ظاهر ٿئي ٿو. حضرت شهيد گرهوڙي جي مشهور ڪيل پيشن گوئي جنهن ۾ درگاهه شريف لواري جي بابت ڪم و بيش اکر ۽ انجڻون ۽ موٽرن هلڻ جو بيان ۽ بي. اي، ايم. اي پڙهڻ جو بيان وغيره سڀ هٿرادو ٺاهيل آهي، جهڙي ته ۱۹۳۸ع ۾ الاصلاح اخبار شايع ڪئي هئي.

# سنڌين جي بهادري متعلق سنڌن هڪ تحرير

جيئن ته حڪومت هن وقت مجاهدن جي ڀرتي ڪري رهي آهي، تنهن لاءِ سنڌين جو فرض آهي ته ڪوشش ڪري زياده کان زياده مجاهدن جي ڀرتي ۾ شامل ٿين. سنڌي بهادرن اڳ ۾ فرسٽ بلوچ ۽ سيڪنڊ بلوچ ۾ نمايان پارٽ ورتو هو. قندار، تل الڪبير، چين ۽ ٻين ڪيترين لڙاين ۾ شامل هوا ۽ هينئر ضروري آهي ته پاڪستان جي ڀلائي لاءِ وڏي کان وڏي انداز ۾ اچي ڀرتي ٿين ۽ حڪومت ساڻ تعاون ڪن.

Marfat.com

# زراعتي نظام

جنگ مورخہ ٨- فيبروري ۾ ميان عبدالحميد شهباز جو مراسلو زرعي نظام جي تبديل ڪرڻ متعلق پڙهي مون کي حيرت ٿي ته ڪيئن اصل حقيقتن کي غلط نموني ۾ پيش ڪيو ويو آهي. اهو زرعي نظام جيڪو انگريزن جي دور ۾ هو، جڏهين ته زميندارن کي زمين رکڻ جي ڪابه حدبندي ڪانه هوندي هئي ته هو ڪيتري زمين رکي سگهن ٿا. ان وقت اسان جي پاڪستان جي ڪڻڪ يورپ، آفريڪا، مشرقي وسطيٰ ۽ سموري هندوستان ڏانهن ريل ۽ جهاز رستي برآمد ڪئي ويندي هئي. ان وقت به اناج ايترو ته زيادهه پيدا ٿيندو هو، جو زميندار طبقو ان ڪري مفلس ۽ قرضي هوندو هو جو اناج جي قيمت ٢ روپيه في مڻ جي لڳ ڀڳ هوندي هئي. اڄڪلهه جيتوڻيڪ ڪافي نوان بيراج ٺهيا آهن ۽ ڪروڙين ايڪڙ نئين زمين آباديءَ لائق بنائڻ جا بندوبست ٿي چڪا آهن ته پوءِ به ڪهڙو سبب آهي جو اناج جي کوٽ ٿي پئي آهي. ان جو سبب اهو آهي ته پاڪستان ٺهڻ سان غير مسلم آبادي، جن جي تقريبن اڌو اڌ زميداري هئي، انهن جي لڏ پلاڻ کان پوءِ انهن جي زمين بجاءِ ان جي ته اوائلي طور طريقي سان وڏن زميندارن ۾ ورهائجي ها، ان جي ابتڙ ان کي نهايت ننڍن ٽڪرن ۾ نيڪال ڪيو ويو. جنهن رستي هرهڪ ماڻهو تقريبن ويهه پنجويهه ايڪڙن کان مٿي زمين حاصل ڪري نه ٿي سگهيو. پر پوءِ به انهن الاٽين اهي زمينون پنهن ماڻهن کي آباد ڪرڻ لاءِ ڏنيون ۽ پاڻ شهرن ۾ مزدوريون ڪري گذارو ڪرڻ شروع ڪيائون. جنهنجو نتيجو اهو نڪتو ته اها زمين پوري طرح صحيح آباد ٿي نه

سگهي. زمين ۾ سٺو پاڻ وجهڻ، هاري جي پوري طرح محنت ڪرڻ ۽ نوان اوزار ۽ دوائن جو استعمال ڪرڻ ۽ ٽريڪٽر وغيره سان هر ڊيارڻ (اهو) تڏهين ئي ممڪن ٿيندو جڏهين زميندار دولتمند هوندو. سو جيڪڏهين ان ڪسي مٿئين نموني ورهايو ويندو ته ترقي ڪيئن ٿي سگهندي.

Marfat.com

# حج بيت الله جو منڪر دائرهٔ اسلام مان خارج آهي.

## پير گل حسن صديقيءَ جو بيان.

ڪراچي ۱۵، سيپٽمبر، جناب پير گل حسن صديقي سجاده نشين لواري شريف جن لکي ٿا ته آءٌ عام مسلمانن جي ڄاڻ خاطر قومي پريس رستي اهو اعلان ڪرڻ ضروري ٿو سمجهان ته آءٌ ۽ منهنجا مريد اهلسنت و الجماعت واري طريقي عاليه نقشبنديه سان منسلڪ آهيون. پر اسان جي خلاف جيڪو ۹-۱۰ ذوالحج جي ڏينهن تي درگاهه لواري شريف ۾ حج بيت الله شريف جي رڪنن جي نقل ڪرڻ جو هر سال الزام دهرايو پيو وڃي، سو انتهائي شرانگيز، قطعي بي بنياد ۽ صداقت کان بلڪل خالي آهي. اسان جو اهو عقيدو آهي ته جيڪو شخص حج بيت الله شريف جو انڪار ڪري ٿو، سو اسلام جي هڪ بنيادي رڪن کان منحرف ٿيڻ سبب دائره اسلام مان خارج آهي. ۹-۱۰ ذوالحج تي، درگاهه لواري شريف تي منعقد ٿيندڙ قديم اجتماع جي اصل حقيقت اها آهي ته اهي ڏينهن اسان جي طريقي نقشبنديه جي هڪ عالي مرتبت بزرگ حضرت خواجه ابوالمساڪين شيخ محمد ٺٽوي قدس سره' جن جي عرس جا ڏينهن آهن، جيڪي حضرت سلطان الاولياء خواجه محمد زمان قدس سره' باني درگاهه لواري شريف جن جا پير ۽ مرشد هئا. ان سعيد تقريب جي موقعي تي لواري شريف ۾ مريدن جو اجتماع گذريل ٻن صدين کان به زياده عرصي کان ٿيندو ايندو هو، جنهن ۾ نماز، قرآن خواني ۽ قصائد خواني ٿيندي هئي. ان

Marfat.com

کان علاوه اتي نه ته حج بيت‌الله شريف جي ڪنهن رسم جو نقل ڪيو ويندو هو ۽ نه ئي ڪوئي ٻيو غيرشرعي ڪم ٿيندو هو. لواري شريف جي ان اجتماع تي مصنوعي حج جو بي‌بنياد ۽ ڪوڙو الزام لڳائي ١٩٣٩ع ۾ الهه بخش سومري جي ڪانگريس حڪومت سياسي بنيادن تحت بندش وڌي هئي. ان زماني ۾ لواري شريف جي خلاف اسلام دشمن پروپئگنڊا ڪرڻ ۾ ڪانگريس جي آلئه ڪار طور چند مفسد مولوين وڏي چڙهي حصو ورتو هو. ان گروهه منجهان چند مخالف اڄ به درگاهه شريف جي مخالفن جي ايجنٽ طور درگاهه خلاف ڪزب بياني ڪندي شرانگيز پروپئگنڊا ۾ مصروف آهن. اسان سابق دؤرن جي حڪومتن جا توجهه ڪيئي دفعا ان طرف ڇڪايا ته هو خود اچي لواري شريف جي انهن اجتماعن کي ڏسن ته هتي ڪهڙو ڪم شريعت جي خلاف ٿئي ٿو. پر هو ان تي ڪڏهن به آمادهه نه ٿيا. اسان جا مخالف، جن ۾ چند منهنجا ويجها رشتيدار به شامل آهن، پنهنجي سياسي اثر و رسوخ ڪري، حڪومت تي دٻاءُ وجهي اها من ماني ڪرائيندا رهن ٿا. هاڻي جڏهن ته پيشه‌ور سياستدانن جو ملڪ مان خاتمو ٿي چڪو آهي تڏهن آءٌ موجوده حڪومت کي پرزور اپيل ٿو ڪريان ته هو مفاد پرست ۽ خودغرض سياستدانن طرفان عائد ڪيل ان ناجائز بندش کي هميشه لاءِ ختم ڪري ۽ ٩-١٠ ذوالحج جي متبرڪ ڏينهن تي مسلمانن کي عرس ۾ شامل ٿيڻ ۽ قرآن خواني ڪرڻ لاءِ لواري شريف ۾ اچڻ جي اجازت ڏئي.

(روزنامه انجام ڪراچي، ١٧، سيپٽمبر ١٩٥٩ع)

Marfat.com

بسم الله الرحمن الرحيم

تحرير: سيد احسان احمد شاهه لڪياري دڙائي.

# گل

## حضرت پير بادشاهه قدس سره'

اوڏڻ اوڏي آهه، تو کي لاڪي ڪوٺيو؛
لهي تو مٿاءِ، سندو مٿيءَ مامرو.
(حضرت سلطان الاولياء)

خوش خبردار اي نسيم شمال،
که بمامي رسد زمان وصال.
(اي اتر جي هير! هيءَ خوش خبر رک ته وصال جو زمانو اسان کي ويجهو اچي رهيو آهي.)

حضرت پير بادشاهه گل حسن شاهه صديقي نقشبندي قدس سره' جن جي ذات بابرڪات ڪنهن تعارف جي محتاج نه آهي. پاڻ درگاهه عاليه لواري شريف جا ستون نمبر سجاده نشين هئا. سندن وجود مسعود عالم انسانيت لاءِ هدايت جو سرچشمو رهيو آهي.

### ولادت:-

هرهڪ خدا جي پياري جي ولادت کان اڳ ان جي اچڻ جون پيشنگويون ڪيون ويون آهن. اهڙي نموني سان حضرت پير بادشاهه گل حسن قدس سره' جن جي ولادت لاءِ پڻ اهڙيون ڪيتريون پيشنگويون ڪيل آهن. هت چند پيشنگويون

Marfat.com

ڏجن ٿيون:

١ - حضرت امام الاولياء، مهاجر مڪي خواجه محمد سعيد قدس سره' پنجون نمبر سجاده نشين درگاهه عاليه لواري شريف جن پنهنجي فرزند حضرت امام العالمين خواجه احمد زمان قدس سره' ڇهون سجاده نشين درگاهه عاليه لواري شريف جي شادي مبارڪ جي موقعه تي هڪ فارسي بيت چوڻ فرمايو، جنهن ۾ حضرت پير بادشاهه قدس سره' جن جي اچڻ جي چٽي بشارت ڏني وئي آهي.

”بهر تاريخ سرور شادي احمد زمان،
جان بهار آمد دلم هرگشت از لب لباب،
سال تاريخش سعيد از سر بجسته بادعا،
باد در تز ويج بر ڪت ”گل“ آمد در جواب.

ان ڪان سواءِ حضرت پير بادشاهه قدس سره' جن فرمائيندا هئا ته اسان جو نالو اسان جي والد ڪي حضرت امام الاولياء خواجه محمد سعيد قدس سره' جي خوابي ارشاد مطابق رکيو ويو آهي.

٢ - مير حاجي سهراب ڪان روايت آهي ته هڪ دفعي حضرت جيجي امان اندرونه صاحبه (حضرت پير بادشاهه قدس سره' جن جي والده صاحبه) جن خواجه امام الاولياء مهاجر مڪي خواجه محمد سعيد قدس سره' جن جي خليفي حضرت ياقوت فقير عليه رحمت کي اندران چوائي موڪليو ته توهان ڪامل ولي آهيو. روضه مبارڪ حضرت سلطان الاولياء وٽ وڃي متوجهه ٿي عرض ڪري ڏس ته حضرت امام العالمين (قدس سره') جن کي فرزند عطا ٿيندو يا ڪين؟ پوءِ حضرت ياقوت فقير عليه رحمت چوائي موڪليو ته مان روضه مبارڪ حضرت سلطان الاولياء ۾ وڃي متوجهه ٿيس جتي پنجن ئي بادشاهن جي زيارت نصيب ٿي ۽ حضرت سلطان الاولياء قدس سره' مون کي بشارت

Marfat.com

ڏني ته توکي مبارڪ هجي جو تنهنجي مرشد جي گهر فرزند ڄاوَ اچي. پوءِ مون شڪر ڪيو ۽ دعا پڙهي روضه مبارڪ کان ٻاهر پئي نڪتس ته مرشد مديني وارا امام قدس سره، (خواجه محمد حسن قدس سره، چوٿون نمبر سجاده نشين درگاهه عاليه لواري شريف) جن مون کي فرمايو، "جيڪڏهين فرزند جي سڄي ٻانهن جي ڏونئري تي نشان هجي ته پوءِ سمجهجان ته مان پاڻ آهيان." حاجي سهراب عليه رحمت چوندو هو ته هڪ دفعي اچان پاڻ ننڍا هئا ۽ ڪپڙا پئي بدلايائون ته اهو نشان مون پاڻ سندن ٻانهن جي ڏونئري تي ڏٺو.

ان کان سواءِ ٻيون به ڪيتريون پيشنگويون سندن ولادت باسعادت متعلق چيل آهن. سندن ولادت جو سمورو بندوبست رکڻ لاءِ سندن پدر بزرگوار قدس سره، جن هڪ قابل انگريز نرس کي اڳواٽ لواري شريف ۾ ترسائي ڇڏيو هو. آخرڪار اها نيڪ ۽ سعيد گهڙي اچي ويئي جنهن جو انتظار گهڻي وقت کان ڪيو پئي ويو ۽ پاڻ حضرت پير بادشاهه جن آچر جي شام ۱۳ شعبان المعظم ۱۳۲۷هه مطابق ۳۰- آگسٽ ۱۹۰۹ع تي تولد ٿيا. سندن ولادت جي خوشي ۾ لواري شريف ۾ جيڪي خلفاءَ يا مريد آيل هئا، مرد خواه مؤمنياڻيون، تن خوشي کان ان انگريز نرس کي ٻيءَ انداز گهورون ڏنيون. ڪن ڪن ته سونيون گينيون به گهوريون.

سندن پرورش نهايت ئي لاڏ ڪوڏ سان ۽ ناز نعمت سان ڪئي وئي. حاضري جي خدمتين کان علاوه ٻيا خلفاءَ ۽ جماعت جا ٻيا وڏا معزز ماڻهو به کين ڪلهن تي کڻندا ۽ راند روند ڪرائيندا هئا.

**تعليم:-**

پاڻ پنجن سالن جا ٿيا ته سندن پڙهائي لاءِ سندن پدر بزرگوار طرفان هڪ استاد مقرر ڪيو ويو. جڏهين سندن پدر بزرگوار پنهنجي ظاهر جي عزيزن پير اشرف ۽ پير عبدالقادر جي ته ٿهڻ جي ڪري لواري شريف مان هجرت ڪري ڪراچي (۱۳۳۵ھ) ۾ اچي رهيا، ته ان وقت سندن عمر مبارڪ ۸ سال هئي. ڪراچي ۾ قرآن شريف، اردو ۽ سنڌي جي تعليم لاءِ استاد مقرر ڪيو ويو. پاڻ جڏهين قرآن شريف پورو ڪيائون ته سندن حافظي ڏاڍي ڌام ڌوم سان ڪئي وئي. تمام گهڻيون ديڳيون عمدن طعامن جون تيار ڪرائي ڪارايون ويون. سڄي جماعت سندن حافظي جون ڏاڍيون خوشيون ملهايون.

وري به پنهنجن عزيزن جي ناروا سلوڪ جي ڪري، جو اهي به سندن جي لواري شريف کان ڪراچي هجرت ڪري اچڻ بعد پويان سولجر بازار ڪراچي ۾ رهڻ لڳا، ۽ وري به ساڳئي نموني سان تنگ ڪرڻ لڳا، تنهن ڪري سندن والد بزرگوار تاريخ ۲۵ رمضان المبارڪ ۱۳۴۱ھ تي ڪراچي کان هجرت ڪري پنجاب طرف امرتسر ۾ اچي رهيا. اتي امرتسر ۾ به سندن انگريزي ۽ فارسي تعليم لاءِ مولوي فيض الله استاد مقرر ڪيو ويو. ظاهر جي دشمن جي دشمني جي ڪري سندن والد کين هميشه پاڻ سان گڏ رکندا هئا.

حضرت پير بادشاه، جن تاريخ ۸- جمادي الاول ۱۳۴۸ھ تي امرتسر کان ڪراچي واپس آيا ۽ اتي به فارسي، عربي ۽ انگريزي تعليم حاصل ڪندا رهيا. سندن ذهن اهڙو هوندو هيو جو هڪ دفعه سبق پڙهڻ بعد سڄو ياد ٿي ويندو هو. پاڻ پنهنجن استادن کان اهڙا اهڙا سوال پڇندا هوا جو هو اچرج ۾ پئجي ويندا هئا. ۽ سندن والد بزرگوار جن کي چوندا هئا، "قبله اسان رڳو حڪم موجب حاضري پريو ويٺا آهيون. پاڻ ته سڀ ڪجهه اڳ ئي پڙهيو ويٺا آهن."

Marfat.com

هڪ دفعي سندن والد بزرگوار جن مولوي غازي عبدالرحمان ڪوڪر کي سڏي فرمايو، ”پڇي ڏس گل حسن کي پڙهاءِ“. جنهن تي مولوي عبدالرحمان عرض ڪيو، ”قبله شهزادي کي الله پاڪ جي اسم عليم جو نه سارو علم حاصل هوندو.“ حضرت جن وراڻيو، ”هائو، اهو علم ڪين کي سڀ آهي.“

ڪين کي تواريخن، وڏن وڏن، زماني جي بادشاهن، اولياءِ ڪرامن، غوث اقطاب ۽ مشائخن جي حالات ۽ اقوال پڙهڻ جو ڏاڍو شوق هوندو هيو. تصوف سان سندن خاص دلچسپي هوندي هئي. وڏا وڏا عالم، پيران طريقت ۽ سجاده نشين وٽن ملاقات لاءِ ايندا هيا. پاڻ انهن سان قرآن شريف، حديث ۽ تصوف جي اهڙي گفتگو ڪندا هئا، جو هو حيران رهجي ويندا هئا، ۽ پاڻ ۾ اهو چوندا هئا ته پير صاحب سيني علمن جو ڏاڍو قابل آهي.

حاجي سهراب ڪان روايت آهي ته، ”سندس روبرو هڪ دفعي پاڻ وڏل سردار سائين جن مولوي عبدالرحمان غازي ڪوڪر ڪان ڪن قرآني آيتن جي معنيٰ ۽ ڪن احاديث نبوي صلعم جي تشريح پڇي، مگر مولوي صاحب انهن جي پوري طرح سمجهاڻي نه ڏيئي سگهيو، جنهن تي پاڻ انهن آيتن ۽ حديثن جي تشريح ۽ معنيٰ نهايت وضاحت سان بيان فرمايائون.“

پاڻ ننڍي هوندي ڪان ئي ڪنهن نه ڪنهن علم جي جستجو ۾ مصروف هوندا هئا. ڪڏهين به ڪنهن ملاقاتي سان فضول گفتگو ڪونه ڪندا هئا. گفتگو ۾ علم، تصوف، قرآن پاڪ ۽ حديث سڳوري جي اپٽار هوندي هئي.

## حالات زندگي:-

سندن طبيعت مبارڪ ننڍي عمر ۾ صفراوي هوندي هئي. پاڻ هاڻي ۾ سنها ۽ ڏکيا لڳندا هئا. ڪين اڪثر ڪري هڪ نه ٻي بيماري چڙهيندي ئي ڪانه هئي. هڪ دفعي ڪين مدي جو بخار ٿي پيو وڏن وڏن ڊاڪٽرن جهڙوڪ ڊاڪٽر نذرت (ڪرستان)، ڊاڪٽر موهن لال عرف دادا ڪان علاج ڪرايو ويو

مگر فائدو ڪونه ٿيو ۽ اهڙا لاغر ٿي ويا جو هڏن تي ماس رهيو ئي ڪونه ۽ هڏن جي مُنڍ، نظر پئي آيا. آخر ڊاڪٽر خوبچند جيڪو سندن مريد ڊاڪٽر عبدالرحمان ڪٿي جو دوست هيو ۽ اهوئي کيس علاج لاءِ وٺي آيو هو. ان چيو ته شهزادي کي آنڊن ۾ سوراخ ٿي پيا آهن. ڪين کي تڪليف وڌندي پئي ويئي. پاڻ حضرت امام العالمين قدس سرهٗ جن هڪ دفعي فرمايو، ”آءٌ گهڻن مشائخن ڏانهن متوجهه ٿيس پر اونداهي ۽ ڪاراهي پئي ڏسان، سرهائي اصل بس. آخر ڊاڪٽر خوبچند کي گهرايو ويو جنهن نينگر جي بدن جي تپاس ڪري چيو ته نينگر جي آنڊن ۾ سوراخ ٿي پيا آهن هاڻي علاج ڪرڻ بي‌سود آهي. تڏهين ظاهري دوا کان نا اميد ٿي پنهنجي مالڪ ڪريم ڏانهن متوجهه ٿيس ته آواز ٻڌم ته ’هاڻي پنهنجي ٻچي کي نئون مصنوعي روح ٿا ڦوڪيون ۽ نئين حياتي ٿي ملي‘ پوءِ اهڙو فضل ٿيو جو هڪ ڏينهن گذريو ته ٽيون حصو مرض جو دفع ٿي ويو، ٻيو ڏينهن گذريو ته ٻيو حصو مرض جو دفع ٿي ويو، ٽيون ڏينهن گذريو ته سمورو مرض دفع ٿي ويو.“

حضرت خواجه احمد زمان قدس سرهٗ جن ڪراچي ۾ چار بنگلا خريد ڪيا هئا. انهن مان هڪ بنگلو حضرت پير بادشاهه جن جي حوالي ڪيائون. باقي ٽن بنگلن مان وڻ وغيره ڪيرائي ڇڏيائون جو وڻڪار ڪين ناپسند هوندي هئي. مگر حضرت پير بادشاهه جن وري پنهنجي بنگلي، جنهن کي ”ساءُو بنگلو“ ڪري چوندا هئا، ۾ وڻڪار رکي جو ساوڪ ۽ وڻڪار سندن وندر هوندي هئي، ۽ پاڻ ان بنگلي ۾ باغ رکايائون.

سندن والد بزرگوار سندن ڏاڍو خيال رکندا هئا. هڪ دفعي پاڻ امرتسر مان سندن ڏانهن خط مبارڪ لکيائون، جنهن ۾ لکن ٿا، ”ٻچا منهنجا دنيا جي حالت نهايت نازڪ آهي. مهرباني ڪري هر ڪم علي الخصوص هر هڪ انتظام نهايت سوچ ۽ نهايت ويچار سان ڪندا ڪريو. منهنجي مصلحت يا

صلاح يا مشورت جي راه جوئي يا انتظار نہ ڪندا ڪريو. منهنجي حڪم پهچڻ تائين ڪنهن بہ ڪم جي سرانجامي ۾ دير وجهو، ايهين نہ ڪندا ڪريو. اوهان کي مون کان گهڻو پري رهڻو ٿو پوي، ڪٿي امرتسر تہ ڪٿي ڪراچي. مون اوهان کي اختيار ڪُلي ڏيئي ڇڏيو آهي. آئون ڪو اوهان کان باز پرس ڪونہ ڪندس، سياه و سفيد جو اختيار اوهان کي آهي. مهرباني ڪري سوچ ۽ ويچار پوري پوري ڪرڻ بعد هرڪو ڪم ڪندا ڪجو. خاص خيال رکجو تہ اشد ضروري انتظامن ۾ ڪجهہ فرق يا تفاوت واقع نہ ٿئي. عاقل را اشاره بس است.“ (۷- مارچ ۱۹۳۱ع)

پاڻ ڇمنديئي ڄام هئا، ۽ پيدائشي ولي هئاه ننڍي هوندي کان ئي کي اهڙيون حقيقتون سندن کان ظاهر ٿينديون هيون جي سراسر ڪرامت واريون هونديون هيون. هتي ڪجهہ حقيقتون پيش ڪجن ٿيون.

(۱) سليمان ولد ولي محمد بهراڻي ٽالپر ڪراچي ۾ سندن خدمت ۾ رهندو هو ڪيس سلهہ جي بيماري ٿي پئي. ان وقت سلهہ لاعلاج مرض تصور ڪيو ويندو هيو ۽ چوڻ ۾ ايندو هيو تہ ”سلهہ دق جوانا وَ فالج با پير، گر افلاطون برآيدنيست تدبير.“ يعني سلهہ دق جوان کي ۽ فالج (اڌ رنگ) پوڙهي کي، جيڪڏهين افلاطون اچي تہ بہ ڪو چاڙهو نہ آهي. پاڻ پنهنجي والد بزرگوار کي چيائون، ”هن (سليمان ٽالپر) جو علاج اسان پاڻ ڪنداسون.“ پوءِ روزانہ پنهنجي خرچي مان اڍائي تولہ مکڻ جا گهرائڻ، صبح جو ان کي کارائيندا هئا. سليمان ٽالپر مکڻ کائڻ سان چڱو ڀلو ٿي ويو. حالانڪہ حڪيم يا ڊاڪٽر سلهہ واري مريض کي سٿڻ کائڻ کان منع ڪندا آهن. مگر هي سندن ڪرامت هئي.

مير حاجي سهراب کان روايت آهي. تہ سندس پائنتي

مير غلام نبي کي کنگھ ريزش ۽ کاکڙي ڪري پوڻ ڪري سخت تڪليف ٿي پئي، جو هو ڳالهائي به ڪونه ٿي سگهيو مير غلام نبي گهڻو علاج ڪرايو، مگر فاعدو ڪونه ٿيو. سندس مائٽن کي اچي ڏپ ٿيو ته متان سلهه نه ٿي وئي هجي، جو ان جي والد کي به اهو عارضو ٿيو هو. پوءِ جڏهن ۴ ذوالقعد ۱۳۴۹ هه جي موقعي تي ڪراچي آيا، تڏهين کين (حضرت پير بادشاهه) عرض ڪيائين. پاڻ فرمايائون، ”گرم گرم جليبيون وٺي کاءُ.“ پوءِ مير غلام نبي گرم گرم جليبيون وٺي کاڌيون ڪيس ڪُلي فاعدو ٿي ويو ۽ وري ڪڏهن به ڪيس اها تڪليف نه ٿي. پوءِ مير حاجي سهراب کين کي عرض ڪيو، ”قبله توهان جي مهرباني ٿي جو مير غلام نبي چاڪ چڱو ٿي ويو.“ ته پاڻ فرمايائون، ”مان پاڻ غلام نبي لاءِ متوجهه ٿيو هوس.“ اها سندن ظاهر ڪرامت هئي.

(۳) راقم جو والد سيد ابوطالب شاهه دڙائي عليه رحمت ڳالهه ڪندو هيو، ”مان امرتسر ۾ حضرت پير بادشاهه سان گڏ راند ڪري رهيو هوس ۽ اسان لڪ لڪوٽي راند پئي ڪئي سون ته منهنجي لڪڻ ۽ سندن ڳولڻ جو وارو آيو، مان هڪ ڪنڊ ۾ وڃي لڪس، مڃاڻ ته اتي چيلاٽن جو مانارو هيو، منهنجو مٿو تازو پاڪي سان ڪوڙايل هيو، هڪ چيلاٽي مون کي مٿي تي اچي تارون تي ڏنگ هنيو. شدت تڪليف کان مون کان دانهن نڪري ويئي. منهنجي دانهن تي پاڻ ڊوڙندا آيا ۽ مون کان پڇيائون ته، ابوطالب شاهه ڇا ٿيو؟ مون جواب ڏنو ته، وڏل سائين چيلاٽي چڪ پاتو آهي، ڏاڍو سور ٿئي ٿو. پاڻ هڪدم بنگلي شريف جي اندر ويا ۽ لوڻ ۽ ليمون کڻي آيا، ڏنگ واري جاءِ تي لوڻ رکي مٿان ليمون نپوڙيائون پوءِ آڱوٺي سان اتي مهٽيائون ته منهنجي تڪليف ايئين ويندي رهي جيئن باهه تي پاڻي.“

پاڻ ذهن جا اهڙا چٽا ۽ سندن حافظو اهڙو تيز هوندو

Marfat.com

هو جو تمام ٻالڪپڻ جون ڳالهيون حرف بہ حرف ڪين ياد هونديون هيون.

موجوده سجاده نشين درگاهہ عاليہ لواري شريف حضرت قبلہ سائين پير فيض محمد نقشبندي مدظلہ العالي کان روايت آهي تہ پاڻ پير بادشاهہ ڪريم جن هڪ دفعي دوران ملاقات سندن سان ذڪر ڪرڻ فرمايائون، ”مان اڃان ننڍو هوس، هڪ ڏينهن مان بہ اندر بنگلہ شريف ۾ ويٺو هوس اسان جو والد صاحب ۽ والده صاحبہ جن بہ ويٺل هوا، تہ اسان جي والده صاحبہ جن اسان جي والد صاحب (حضرت امام العالمين خواجہ احمد زمان قدس سره) کان سوال پڇيو تہ لواري شريف جي اڳين بادشاهن جا مريد فقير وڏيون ڪرامتون ڪندا هوا، مگر توهان جي مريدن ڪي تہ ڪا خبر ئي ڪانہ ٿي پوي. جنهن تي پاڻ فرمايائون تہ ٻچا گل حسن ويجهو ٿي تون بہ ٻڌ تنهنجي والده سوال ڪيو آهي، هاڻي اسان ان جو جواب ٿا ڏيون. پوءِ فرمايائون تہ ڪنهن شخص کي قابو ٻڌي ٽنگون ٻانهون سوگهيون ڪري پيٽي ۾ بند ڪري پوءِ اها پيٽي ڪبٽ ۾ بند ڪري پوءِ ان ماڻهو کي سڏ ڪجي تہ اهو ماڻهو نڪري سگهندو. اهڙيءَ طرح سان مون منهنجي جماعت قابو ڪئي آهي جي آزاد ڪريان تہ هڪ هڪ وڏو ولي ڪامل هجي ۽ ڪرامتون ڪري.“

مير فتح علي ڀهاراڻي ٽالپر کان روايت آهي تہ هڪ دفعي هو ڪجهہ جماعت سان گڏ سندن مجلس ۾ ويٺل هو پاڻ ننڍي هوندي جو ذڪر فرمايائون، ”اسين امرتسر ۾ هواسون آءٌ شام جو سائيڪل تي چڙهي امرتسر شهر کان ڪجهہ پري پنهنجي هڪ دوست وٽ ويس اتان گهمي واپس پئي وريس تہ سج واٽ تي لهي ويو. ان علائقي ۾ ڌاڙيل رات جو تہ ٺهيو پر ڏينهن جو بہ سچن رستن تي ڦرون ڪندا هوا، مان سائيڪل تکي ڪاهيو پئي آيس، ڏٺم تہ رستي تي ڪجهہ ماڻهو وڏيون

ڏکيون لڳيون ڪنيو بيٺا آهن، مان جيئن ئي ويجهو آيس ته انهن مان اڌ هڪ پاسي رستي جي ۽ اڌ ٻئي پاسي رستي جي تي لڳيون ايئون ڪري بيٺا مون کي هيڪر خوف ٿيو، مگر پوءِ حضرت سلطان الاوليا جو اسم مبارڪ پڙهندو پڙهندو سائيڪل تيز آڏي انهن جي وچان لنگهي هليو آيس. هنن گهٽيون ئي هڪلون ڪيون، مگر منهنجي وار کي به ڪجهه ڪري نه سگهيا، مان خير سلامتي سان هليو آيس.“

وري ان مجلس ۾ ذڪر ڪرڻ فرمايائون، ”ان وقت سکن ۽ مسلمانن جو پاڻ ۾ تڪرار هلندڙ هو، روزانه هڪ ٻه جهيڙا ٿيندا هئا. ڪي ته قتبا هوا ته ڪي وري قتل تي ويندا هوا. هڪ دفعي اسان کي اوچتو خيال آيو ته سکن جو گوردوارو (عبادت خانو) گهمجي، پوءِ هڪ جماعت جو ماڻهو ساڻ ڪري هڪ گوردواري ۾ اندر مٿي گهمڻ وياسون گهڻو وقت گهمڻ ڦرڻ بعد ڏٺوسون ته سک ٽوليون ڪيو ويٺا هوا ۽ ڪٿي وري بيٺا هوا، پاڻ ۾ اهي صلاحون ڪري رهيا هوا ته مسلمانن سان ڪيئن وڙهجي، پوءِ اتي اسان سڃاليو ته اسان غلط هنڌ تي آيا آهيون. اگر سک هتي ماري ڇڏين ته نڪا پڇا ته نڪا ڳاڇا، ڇوته اسين هنن جي جهڙوڪر گهر ۾ آهيون. اسان جي پوشاڪ به پڌري مسلمانن واري هئي، (ڪيئن کي ترڪي ٽوپي پاتل هئي.) پوءِ ڏٺي کي ياد ڪندا اتان نڪري آياسون ۽ خيريت سان گهر پهتاسون.“

وري پيو به اهڙو ذڪر ڪرڻ فرمايائون، ”هڪ هنڌ امرتسر ۾ سکن جو مسلمانن جي خلاف خاص جلسو ٿي رهيو هيو اسان به گهمندي اتي وڃي نڪتاسون، ان وقت به اسان کي پڌري مسلمانن واري پوشاڪ پاتل هئي جاسي گاهه ۾ اسٽيج جي ويجهو ڪرسين تي وڃي ويٺاسون، اجان جلسو شروع ٿيو ته جهيڙو ٿي پيو ۽ ڏک ڦٽ ٿيڻ لڳا، پوءِ اسان ڏٺي کي ياد ڪندا نڪري آياسون، اسان جي نڪري اچڻ بعد

Marfat.com

اسان ڀڌو ته وڏو جهيڙو ٿي پيو هو.“

حضرت امام العالمين خواجه احمد زمان قدس سره، جن جڏهن ”ڪيٽل“ جو جهنڊو سڀ کان پهريائين اسلام قلب ڪراچيءَ تي چاڙهيو ته اهو جهنڊو چاڙهڻ لاءِ حضرت پير بادشاهه جن کي ڏنو ويو. پاڻ اسلام قلب جي ڇت تي چڙهي اهو جهنڊو نصب ڪيائون. ان وقت حاجي احسان ميمڻ به ساڻن گڏ هيو. اهو واقعو سنه ۱۳۳۸ هجريءَ ۴ ذوالقعد جو آهي.

حضرت امام العالمين خواجه احمد زمان قدس سره، جن هر مهيني جي ۵ تاريخ تي اسلام قلب ۾ جماعت سان مجلس ڪندا هوا. سڀ کان پهريائين سندن بيعت ٿيندي هئي ان بعد الله تعاليٰ، رسول پاڪ صلعم ۽ حضرت سلطان الاولياء قدس سره، جي تعريف ۽ ذڪر اذڪار بيان ڪندا هوا، وڏا وڏا اڪابر، عالم، جماعت جا ماڻهو خواهه جماعت کان ٻاهر جا ماڻهو طريقت پاڪ بابت سوال پڇي پنهنجا شڪ شبها دور ڪندا هئا. پاڻ وري قرآن پاڪ، احاديث نبوي صلعم ۽ اڪابرن جا اقوال بيان ڪري سمجهائيندا هوا. حضرت پير بادشاهه گڏ ايندا هوا ۽ وري جڏهن لواري شريف ۾ ايندا هوا ته انهي به اهڙيون مجلسون مبارڪ ڪندا هوا، هڪ دفع عرس مبارڪ حضرت خواجه ابوالمساڪين قدس سره، واري ڏهاڙي ۹ ذوالحج جي اجتماع تي پاڻ لواري شريف آيل هوا. جماعت بي انداز آيل هئي. جماعت کي هٿ مبارڪ ڏيڻ ۽ بيعت ڪرائڻ جي مقرر وقت تي پاڻ پنهنجي فرزند حضرت پير بادشاهه سائين جن کي حڪم ڪيائون، ”توهان وڃي جماعت کي هٿ ڏيو ۽ بيعت ڪرايو.“ جماعت کي حڪم مليو ته، حضرت پير گل حسن وڏل سردار جي بيعت ڪن ۽ انهن ڪيو ويو. اهڙي طريقي سان پاڻ پنهنجي موجودگي ۾ ئي پنهنجي آخري وقت ۾ جماعت جو رابطو پنهنجي فرزند حضرت پير گل حسن صديقي نقشبندي قدس سره، جن ڏانهن ڪرايائون.

وليداد اهير عليه رحمت کان روايت آهي تہ حضرت امام العالمين خواجہ احمد زمان قدس سرہ' جن ربيع الاول جي ۵ تاريخ ۱۳۵۷ هجري تي پنهنجي آخري مجلس پاک اسلام قلب ڪراچيءَ ۾ ڪيائون ان بعد پاڻ طبيعت ۾ ناچاقائي جي ڪري چار مهينا کن بنگلہ شريف تي، مٿي رهيا پيا هوا ۽ هيٺ ڪونہ ٿي لٿا. ڪين هڪ ٽنگ ۾ ڪا رينڪل قرڙي تي پئي هئي. آخري وقت ۾ هڪ ڏينهن پاڻ پنهنجي فرزند حضرت پير گل حسن صديقي نقشبندي قدس سرہ' جن کي گهرايائون، جڏهن پاڻ سندن پير ۾ اچي بيٺا، تہ کين فرمايو، "اسان کي ٽيڪ ڏئي اٿاري ويهار." پاڻ کين کي ٽيڪ ڏيئي اٿاري ويهاريو ۽ پوءِ پاڻ ۾ ڪجھ گفتگو ڪيائون، سندن والد کين کي چيو، "منهنجي جماعت جي پارت هجيئي." تہ پاڻ جواب ڏنائون، "جيڪي منهنجا ٿيندا." حضرت جن ۳۰ جماد الثاني سنہ ۱۳۵۷ هجري مطابق ۲٦- آگسٽ ۱۹۳۸ع تي شام جو ۳ بجہ ڌاري پنهنجي امانت پنهنجي فرزند حضرت پير بادشاہ خواجہ پير گل حسن قدس سرہ' جي حوالي ڪري هن جهان فاني مان لاڏاڻو ڪري محبوب حقيقي سان وصال ڪيو. پوءِ حضرت پير بادشاهہ جن سندن جسد مبارڪ کڻائي مورخہ ۱ رجب سنہ ۱۳۵۷ هجري مطابق ۲۷ آگسٽ ۱۹۳۸ع تي بذريعہ اسپيشل ريل گاڏي، ڪراچي کان بدين آيا سندن ظاهر جا عزيز، پير حسن بخش، پير محفوظ، پير علي گوهر ٺٽي پاڻر ساڻن گڏ آيا، باقي سندن ظاهر جا سوٽ پير عبداللطيف ولد پير محمد اشرف ۽ پير سعيد حسن ولد پير محمد اشرف گڏ ڪونہ آيا.

پوءِ جماعت حضرت امام العالمين خواجہ احمد زمان سائين قدس سرہ' جن جو جسد مبارڪ کلهن تي کڻي بدين کان لواري شريف آندو. جتي روضہ مبارڪ حضرت سلطان الاولياء قدس سرہ' جي اندر دروازي جي سامهون کين جاءِ ڏني ويئي. ان ڏينهن مينهن جون هلڪيون بوندون پئي وٺيون، مگر

جيئن ئي جماعت وارا ڪم ڪان واندا ٿيا ته تيز بارش اچي پرڻي، رستا وغيره پاڻيءَ سان پرجي ويا. ان ڪري حضرت پير بادشاهه قدس سره' جن لواري شريف ۾ ترسي پيا. حضرت پير بادشاهه قدس سره' جن پنهنجي والد سائين قدس سره' جن ڪي جاءِ نشين ڪرائڻ بعد خانقاهه شريف ۾ سڄي جماعت ڪي بيعت ڪرائي. مير حاجي سهراب بيان ڪندو هيو ته ان وقت هو به وٽن خانقاه شريف ۾ موجود هو، ٻي سڄي جماعت بيعت ڪري سندن هٿ مبارڪ چميو مگر پير حسن بخش، پير محفوظ، پير علي گوهر (ٽيئي ڀائر) ولد پير عبدالقادر، مير غلام علي ولد مير بنده علي ٽنڊو محمد خان، مير غلام الله ولد مير حسين بخش ٽنڊو محمد خان ۽ علي ميمڻ برادر احمد موسيٰ ڪراچي وارو انهن سيني بيعت ڪانه ڪئي، جنهن تي مير حاجي ڏتل، مير حاجي احمد خان ٽنڊو جان محمد واري ڪي چيو، ”اوهان هنن ڪي چئو ته هنن بيعت ڇو ڪونه ڪئي آهي؟“ جنهن تي مير حاجي احمد خان، پير حسن بخش ڪي چيو، ”ميان اوهان ڪي ته بيعت ڪرڻي هئي پوءِ اوهان ڇو ڪونه بيعت ڪئي؟“ جنهن تي پهريائين ته پير حسن بخش غلط بياني ڪئي، ”اسان بيعت ڪئي آهي.“ (مير حاجي سهراب بيان ڪندو هيو ته مان خانقاه پاڪ ۾ ساڻن گڏ موجود هيس ۽ انهن مان ڪنهن به هڪ سندن بيعت ڪانه ڪئي هئي.) پر زور پرڻ تي چيائين، ”جڏهين (حضرت) پير بادشاهه (قدس سره') وڏن واري ارشاد جي مسند تي ويهي، وڏن واري دستار مبارڪ پائيندو ته پوءِ اسان بيعت ڪنداسون.“

ان بعد اهي سڀ مٿيان ماڻهو ان ئي ڏينهن ان ئي مهل اشرف آباد ڏانهن هليا ويا ۽ پاڻ قدس سره' لواري شريف ۾ ترسيل هئا. ان ڏينهن جنهن وقت اهي ماڻهو ڪوٽ پاڪ کان ٻاهر نڪري رهيا هئا ته دروازي تي مرحوم مير حاجي ڏتل ۽ مرحوم مير حاجي احمد خان به بيٺل هئا ۽ پاڻ

Marfat.com

۾ اهي ڳالهيون ڪندا ٻئي آيا ته هيءَ سڄي ملڪيت ڪورٽ آف واردس (مئنيجر) ۾ داخل ڪرڻ کپي ۽ حضرت پير بادشاهه قدس سره، جن جي نالي چوڻ لڳا ته اهو سنڀالي ڪونه سگهندو ۽ سڀ ملڪيت وڃائي ڇڏيندو. انهن جا اهي الفاظ مرحوم مير حاجي ڏنل ۽ مرحوم مير حاجي احمد خان ٽنڊو جان محمد واري پنهنجي ڪنن سان ٻڌا.

پير حسن بخش ۽ پير عبداللطيف وارن هم صلاح ٿي حضرت امام العالمين خواجه احمد زمان قدس سره، جن جي آخري ڏينهن ۾ هڪ وڪيل اڳ ئي ڪري ڇڏيو هيو ته جيئن ئي سندن (قدس سره) وصال ٿئي ته قانوني تحرڪ هڪدم ورتو وڃي. ان ڪري جنهن ڏينهن حضرت پير بادشاهه (قدس سره) جن سندن (قدس سره) جسد مبارڪ کڻائي لواري شريف ٻئي آيا ته پير حسن بخش، پير عبداللطيف کي هدايت ڪئي ته وڪيل جي معرفت انهن سڀني تعلقن جي مختيارڪارن کي جتي جتي درگاهه شريف جي ٻني آهي، تارون ڪرائي ڇڏي، ته هڪدم حضرت پير احمد زمان قدس سره، جي ملڪيت سندس فرزند حضرت پير بادشاهه خواجه گل حسن قدس سره، جي نالي تي تبديل نه ڪئي وڃي، جو ان ۾ ٻيا به حصيدار آهن. انهن کي خوف هيو ته ٽنڊه جان محمد وارا مير درگاهه شريف جا مريد آهن، انهن جي هلندي ۽ اثر رسوخ به سٺو آهي. ٿرپارڪر ضلع ۾ ڏگهڙي، جيمس آباد (هاٿوڪو ڪوٽ غلام محمد) ۽ سامارو تعلقن ۾ ڪافي زمين آهي متان اهي مير ڪوشش وٺي حضرت پير بادشاهه (قدس سره) جو نالو رڪارڊ ۾ نه وجهرائي ڇڏين.

حضرت پير بادشاهه قدس سره، جن اها رات لواري شريف ۾ ترسي، ٻئي ڏينهن صبح جو ناشتو واپرائي لواري شريف کان ڪراچي پهتا ئي ڪونه ته سڀني تعلقن جي مختيارڪارن کي تارون پهچي ويون، جيڪي وڪيل جي معرفت پير حسن بخش جي هدايت تي پير عبداللطيف ڪراچيءَ مان ڪيون هيون.

Marfat.com

حضرت پير بادشاهہ (قدس سرہ) اڪثر جماعت وارن سان اهو ذڪر ڪندا هئا، ”مان جڏهن پنهنجي والد شريف قدس سرہ جي جسم مبارڪ کي ڪٺائي بدين ريلوي اسٽيشن تي پهتس تہ سڀ کان پهريائين سيد عبدالله شاهہ پناهي مليو، جنهن اهي اکر چيا تہ آخر فنا! آخر فنا! پوءِ جڏهين مان واپس ڪراچي پهتس تہ مون کي منهنجي والده صاحبہ جن ٻڌايو تہ ڪالهہ (جنهن ڏينهن پاڻ پنهنجي والد شريف جي جسد مبارڪ کي وٺي لواري شريف روانا ٿيا هئا.) پير عبداللطيف مون وٽ آيو هيو ۽ اچي چيائين تہ اسان بيبي عنايت (حضرت پير بادشاهہ سائين قدس سرہ جن جي همشيرہ) ۽ بيبي غفوران (حضرت پير بادشاهہ سائين قدس سرہ جن جي ويڳي والده- اها شادي حضرت امام العالمين خواجہ احمد زمان سائين قدس سرہ جن امرتسر ۾ ڪئي هئي ۽ پنجاب جي رهاڪو هئي.) کي پاڻ سان ملائي ڇڏيو آهي. ۽ پير بادشاهہ (قدس سرہ) توهان کي چوڻي ۽ ڪان ڇڪي بنگلي کان ٻاهر ڪڍي ڇڏيندو، ان ڪري توهان کي هڪ نيڪ صلاح ڏيڻ آيو آهيان تہ صحيح ڏي تہ بيبي عنايت ۽ بيبي غفوران جي ڪيس سان گڏ تنهنجو بہ ملڪيت جي دعوىٰ ۾ ڪيس چاڙهيون. مگر حاجي قبول ارباب (حضرت پير بادشاهہ سائين قدس سرہ جن جو مامو) اتي موجود هيو، ان مخالفت ڪندي چيو تہ حضرت پير بادشاهہ (قدس سرہ) توهان کي بلڪل ڪونہ ڪڍندو، پر فرض ڪريو، جي ائين ٿيو بہ تہ پوءِ مان اوهان کي پنهنجي ڳوٺ وٺي هلندس، پوءِ جيڪو ڪجهہ منهنجو حال آهي، ان موجب پهريائين توهان پوءِ مان ۽ منهنجا ٻچا، باقي اوهان صحيح هرگز نہ ڪجوءِ جنهن تي منهنجي والدہ صاحبہ جن صحيح ڪانہ ڪئي ۽ مون سان ٻڌل رهيا.“

## ارشاد جي مسند تي ويهڻ ۽ بعد جي حالات زندگي:-

تاريخ ٤- محرم الحرام ١٣٥٨ هجري مطابق ٢٤ فيبروري

١٩٣٩ع تي پاڻ لواري شريف ۾ خانقاه شريف جي اندر ارشاد جي مسند پاڪ تي ويهي وڏن واري دستار مبارڪ پنهنجي متي مبارڪ ۾ پائي سڄي جماعت کي همٿ پاڪ ڏنائون ۽ بيعت ڪرايائون. مگر حسب دستور سندن ظاهر جا عزيز جيڪي سندن وڏن سان دشمني تي ڪمر ڪشي بيٺا هئا، انهن سائين به ڪمر ڪشي بيٺا ۽ پير حسن بخش جو اتي موجود هيو، ان بيعت کان ڪئي. سڄي جماعت کين کي ارشاد جي مسند پاڪ تي ويهڻ ۽ تاجپوشي ڪرڻ جون مبارڪون ڏنيون. دستاربنديءَ جي وقت پاڻ پنهنجي جماعت ناجيه کي هيٺيون اعلان ڏيڻ فرمايائون جو خان صاحب احمد خان ولد خان صاحب عبدالقادر پڙهي ٻڌايو "سيني جماعت ناجيه جي ماڻهن کي آءٌ گل حسن (قدس سره') دستاربنديءَ جي وقت ۾ اطلاع ٿو ڏيان ته آءٌ هميشه درگاهه پاڪ لواري جو خادم تي رهندس ۽ جماعت مڪان شريف کي منهن جي پرزور هدايت آهي ته هميشه حضرت خواجه احمد زمان رحمة الله عليه جي قول موجب عمل ڪندا رهن؛ دعا آهي ته خداوند ڪريم جماعت ناجيه تي پنهنجو فضل ۽ ڪرم ڪري ۽ توفيق بخشي ته طريقت پاڪ ني مستحڪم رهن ـــ آمين."

هاڻي سندن جا ظاهر جا مٽ هرهڪ پير حسن بخش، پير محفوظ، پير علي گوهر ٽئي ولد پير عبدالقادر (سندن جي والد حضرت پير خواجه احمد زمان سائين قدس سره' جن جا سڳا سوٽ) ۽ پير سعيد حسن، پير عبداللطيف ٻئي ولد پير محمد اشرف، سندن جا سوٽ (پير عبداللطيف جي گهر سندن همشيره بيبي عنايت نڪاح ۾ ڏنل هئي.) ظاهر ظهور سندن مخالف ٿي بيٺا. انهن سان ٽنڊو محمد خان جا مير غلام علي ۽ مير حسين بخش پڻ شامل ٿيا. سڀ کان پهرين بيبي عنايت کان ملڪيت جي حصي جو ڪيس ڪرايائون ۽ پير حسن بخش لواري شريف جي هڪ ٻسمس ٿيل، رشوت جي ڪيس ۾ سزا

ڪاڊل پوليس جي صوبيدار محمد رحيم ولد محمد اسماعيل ميمڻ
کي هڪ سؤ روپيه ماهوار پڳهار تي ٻيبي عنايت جي ڪيس
جي پيروي ڪرڻ لاءِ عام مختيار جي طور مقرر ڪيو. انهن
ٽنڊو محمد خان جي ميرن جي اثر رسوخ سان زمين جا ڪاتا
بدلارائي زمين ڪورٽ آف وارڊس (مئنيجر) ۾ ڏياري. ان زمين جي
سنڀال، ڪڍڻ شهر جي هڪ شخص مسو چانڊيه جي حوالي ڪئي.

جڏهين پير حسن بخش وارن درگاه شريف لواري پاڪ
سان جهيڙا شروع ڪيا ۽ ڪرايا آن وقت راقم جو والد حڪيم
سيد ابوطالب شاه عليه رحمت درگاه شريف جو ملازم هيو ۽
آن وقت جو پير حسن بخش وارن جي ڪيل جهيڙن جهڳڙن
جو قصو هر وقت بيان ڪري ٻڌائيندو رهندو هيو ته جڏهين
ڀهريون سارين جو فصل پچي تيار ٿيو ته آن سارين جي ٻنئي
ڪوڏر سان اڌو اڌ ڪري سڀ درگاه شريف جو ان ڪوٽ
پاڪ جي اندر اچي رکايو هئائين ۽ ان آن کي زوري ڪڻائڻ
لاءِ حسن بخش وارن ڏاڍيون ڪوششون ڪيون مگر هو پنهنجن
انهن ارادن ۾ ڪامياب ٿي نه سگهيا. ان بعد انهن راقم جي
والد حڪيم سيد ابوطالب شاه دڙائي عليه رحمت کي ٻين ٽن
درگاه شريف جي عمر رسيده ملازمن هرهڪ آخوند الهڏنه قريشي
ٻوبڪائي عليه رحمت، مير غلام شاه ٻاگرائي عيله رحمت ۽
وليداد اهير عليه رحمت کي قلم ۱۰۷-۱۵۱ ڪ پ ڪ هيٺ جيل
۾ وجهرايو ۽ پويان ترائيءَ ۾ جتي پڻ درگاه شريف جي ملڪيت
آهي، جهيڙو ڪرايائون جنهن ۾ پڻ حضرت پير بادشاه خواجه
گل حسن قدس سره' جن جو هڪ ماڙهو نالي جمع فقير ڪڪرائي
وينل گنداخه بلوچستان کي شهيد ڪرايائون جنهن جي مزار
مبارڪ لواري شريف جي اندر ڪوٽ پاڪ ۾ نندي مقام
۾ آهي.

اهڙي طرح سان پاڻ حضرت پير بادشاه قدس سره' هرهڪ
جماعت واري سان انهن جهيڙن جو ذڪر ڪندي اهو فرمائيندا

Marfat.com

هئا، ”جڏهين منهنجي والد وفات ڪئي ته مير غلام علي ٽنڊو محمد خان وارو اسان وٽ عذرخواهي لاء آيو ۽ جڏهين روانو پئي ٿيو ته مون کي سڏ ڪرايائين، مان آيس ته مير پنهنجي موٽر ۾ ويٺل هيو آئي موٽر جي اندر ويٺي ويٺي اسان کي چيائين ته، اسان جا ڪي شرط آهن جي اوهان قبول ڪندا ته پوء اسان ۽ اوهان جا تعلقات قائم رهندا ورنه تعلقات ختم ٿي ويندا. مون پڇيومانس ته ڪهڙا شرط آهن؟ ته چيائين:

۱- اوهان جي والد جي تعلق وارن سان تعلقات ٽوڙيو ۽ اسان يعني مير غلام علي ۽ پير حسن بخش جي چوڻ تي هلو.

۲- بيبي عنايت واري ملڪيت جو فيصلو به اسان جي چوڻ موجب ڪريو.

۳- اسلام قلب ڪرايه تي ڏيئي ڇڏيو.

۴- لواري شريف بابت لکي ڏيو ته اتي ۹ - ۱۰ ذوالحج وارا اجتماع نه ٿيندا.

اسلام قلب ۾ جماعت اچي رهندي هئي ۽ اتي هر مهيني ۴- ذوالقعد تي عرس مبارڪ حضرت سلطان الاولياء قدس سره' ۽ بيا ڏهاڙا ملهايا ويندا آهن، پين لفظن ۾ اهي ملهائڻ بند ڪري ڇڏيو.

مون جواب ڏنو ته انهن شرطن مان مون کي ڪوبه شرط قبول نه آهي ته چيائين، ”اڄ کان اسان ۽ اوهان جا تعلقات به ختم آهن، ۽ پوء هليو ويو.“ بيبي عنايت جي ڪيس دوران پير عبداللطيف وارن جو به ڪيسن تي وڏو خرچ اچي رهيو هيو. پير حسن بخش چالاڪي ڪري انهن جا سونا زيور وڪڻائي پوء ديهه ڳاڏ واري زمين ٿورن پيسن تي سستي اگهه ۾ پاڻ خريد ڪندو ويو، تان جو قريباً سڄي ڳاڏ واري زمين انهن کان سستي اگهه ۾ وڪرو ڪرائي پاڻ خريد ڪيائين. جڏهن پير عبداللطيف ۽ ان جي گهرواري بيبي عنايت سڀ ڪجهه وڃائي ويٺا، پوء حضرت پير بادشاهه قدس سره' جن

وٽ اچي پيش پيا. ان کان اڳ پاڻ انهن سان هڪ ٺاهه ڪيائون، جنهن موجب ٽيرهن سوَ ايڪڙ زمين ۽ هڪ بنگلو بيبي عنايت کي ڏيڻو ڪيائون، مگر پير حسن بخش بيبي عنايت کي منع ڪئي ۽ ٽيل ٺاهه تان ڦيري ڇڏيو. پيش پوڻ کان پوءِ پير عبداللطيف حصي وارو ڪيس ڪڍائي ڇڏيو، جنهن بعد سنڌن (حضرت پير بادشاهه قدس سره') جي مريد مير حاجي احمد خان ٽنڊو جان محمد واري حضرت پير بادشاهه قدس سره' کي عرض ڪيو، ”قبله درگاهه جي زمين مان ته بيبي عنايت کي هڪ ويسو به ڪونه ڏيو باقي مان پنهنجي طرف کان چار سوَ ايڪڙ زمين بخشش ڪري بيبي عنايت جي نالي ڪيان ٿو، جيئن انهن جو گذر سفر آساني سان ٿي سگهي.“ ان بعد مير احمد خان بيبي عنايت کي رهڻ لاءِ پڪي جاءِ به ٽنڊي جان محمد ۾ ٺهرائي ڏني جنهن ۾ پير عبداللطيف کان طلاق وٺڻ بعد پئي گهرواري پير عنايت حسين جي وفات کان پوءِ به بيبي عنايت رهندڙ هئي. ان بعد ڪراچيءَ ۾ بيبي عنايت وفات ڪئي، ڪيس ڪراچيءَ ۾ ئي دفن ڪيو ويو.

حالانڪ درگاه لواري شريف جي ملڪيت متعلق اڳ وارن سجاده نشينن اهڙا دستاويز لکرائي آنهن تي پنهنجي ۽ پنهنجي عزيزن جون صحيحون وجهرايون آهن ته هيءَ ملڪيت درگاه شريف جي آهي ۽ سجاده نشين به متولي آهي. سڀ کان پهريائين ٻيو نمبر سجاده نشين حضرت محبوب الصمد خانقاه واري شاه خواجه گل محمد قدس سره' اهڙو دستاويز تيار ڪرائي آن تي پنهنجي ۽ پنهنجن عزيزن جون صحيحون وجهرايون ان بعد ان ئي دستاويز تي ٽيون نمبر سجاده نشين حضرت غوث عالم ڪوٽ ڏڻي خواجه محمد زمان ثاني قدس سره' پنهنجي ۽ پنهنجن ڀين ڀائرن جون صحيحون وجهرايون. ان بعد وري چوٿون نمبر سجاده نشين حضرت قطب ڪبير شاه مدني خواجه محمد حسن قدس سره' وري ٻيو اهڙو دستاويز تيار ڪرائي ان تي پنهنجي صحيح ۽ پنهنجن

Marfat.com

ڀائرن ميون عبيدالله ۽ ميون غلام الله ۽ ٻين عزيزن جون صحيحون وجهرايون ان بعد پنجون نمبر سجاده نشين حضرت امام الاولياء مهاجر مڪي خواجه محمد سعيد قدس سره' ان دستاويز تي پنهنجي ۽ پنهنجي ڀاءُ پير عبدالقادر جي لا دعويٰ جي صحيح وجهرائي، وري ڇهون نمبر سجاده نشين حضرت امام العالمين خواجه احمد زمان قدس سره' جن ان دستاويز تي پنهنجي ۽ پنهنجي ڀاءُ پير محمد اشرف جي صحيح وجهرائي، مگر ان هوندي به حضرت پير بادشاهه قدس سره' جي مائٽن سندن سان ملڪيت تي ڦڏو ڪيو ۽ شروع شروع ۾ ٻيبي عنايت وارو حصو ڪورٽ آف واربس ۾ وجهرائي ڇڏيو، جو بعد ۾ درگاهه شريف جي مريد مرحوم خانبهادر حاجي غلام نبي شاهه ايم. ايل. اي ولد مرحوم موجعلي شاهه گرهوڙي جي ڪوشش سان ان وقت جي روينيو وزير حڪومت سنڌ مسٽر نيچلداس آڏواڻي ڪورٽ آف واربس مان ڪيرائي ڇڏيو. ان ڪان سواءِ طريقت پاڪ جي ڪتابن ۾ اهو صاف ظاهر لکيل آهي ته ڏهاڙي قيامت تائين منهنجي مسند تي مون جهڙو وهندو ايندو، اهو فرمان ڀهريون نمبر سجاده نشين درگاهه عاليه لواري شريف حضرت مالڪ سلطان الاولياء روضه ڏڻي بادشاهه قدس سره' جو ڪيل آهي. مگر حضرت پير بادشاهه قدس سره' جا عزيز برابر سندن سان وڙهندا آيا. مير حاجي سهراب ڳالهه ڪندو هيو ته هن حاجي گهنور ڏاهري جي منهن مان اهو چوندي ٻڌو ته مسند پاڪ تي وهڻ جي لائق پير محمد اشرف هيو، مگر حضرت خواجه احمد زمان قدس سره' ڏاڍ ڪري ويٺو. وري حاجي سهراب اهو به بيان ڪندو هيو ته پير حسن بخش پنهنجن خاص ماڻهن ڪان جماعت اندر پروپيگنده ڪرائيندو هيو، ته مسند پاڪ حق پير حسن بخش جو هئي نه پير بادشاهه حضرت خواجه گل حسن قدس سره' جو، ان ڪري پير حسن بخش کي ويهارڻ کپندو هيو.

انهن سڀني ڳالهين هوندي به سندس طبيعت مبارڪ بردبار

مزاج سنجيده ۽ سانتيڪو هيو. خاموشي سندن خاص عادت هئي. ڪڏهن به ڪو مريد ڪنهن دعا لاءِ عرض ڪندو هيو ته پاڻ اڪثر خاموش رهندا هئا. گهڻي زور ڀرڻ تي فرمائيندا هئا، "مڙيوئي خير ٿيندو يا ڌڻي خير ڪندو." سندن عزيز جيترو به ڪين تنگ ڪندا هئا ۽ تڪليفون ۽ اهنج ايذاءَ ڏيندا هئا ته به پاڻ فرمائيندا هئا، "منهنجي دانهن الله پاڪ کي آهي، اهو پاڻهي فيصلو ڪندو." جيڪڏهن ڪو مريد پنهنجن تڪليفن جو بيان ڪندو هيو ته ان کي هدايت ڪندي پنهنجو مثال بيان ڪندا هئا، "مان به هيترين تڪليفن هوندي مڙس ٿيو پيو منهن ڏيان، اوهان به همٿ نه هاريو مڙس ٿي منهن ڏيو." چاڪاڻ ته جڏهين سندن والد قدس سره' جو وصال مبارڪ ٿيو ته ڪيترا ڪيس سندن خلاف ۽ سندن مريدن ۽ ملازمن خلاف داخل ڪرايا ويا هئا. راقم جو والد حڪيم سيد ابوطالب شاهه دڙائي رحمت الله عليه چوڏهن ڪيسن ۾ منڪ جوابدار هيو، جي بعد ۾ عدالتن ۾ هلي ختم ٿي ويا ۽ سڀ ماڻهو باعزت بري ٿي ويا. پاڻ ڪنهن کان به ڪو انتقام نه ورتائون ۽ نه ئي وري ڪنهن لاءِ گهٽ وڌ، بد شد ڪڏهن ڳالهايائون. پنهنجي مڪمل توڪل الله پاڪ تي رکيو ويٺا هوندا هئا. پاڻ پنج وقت نماز، روزو ۽ ٻين احڪام خداوندي جا پوري طرح پابند هوندا هئا. رات جو تمام ٿورو سمهندا هئا. تهجد ۽ اشراق پابنديءَ سان پڙهندا هئا. روزانو قرآن پاڪ جي تلاوت سندن عادت هوندي هئي. پنهنجي هرهڪ مريد کي شريعت محمديءَ تي مڪمل طرح سان عمل ڪرڻ جي هدايت ڪندا هئا. هڪ دفعي "نوجوان اتحاد جماعت لواري شريف" طرفان عيد ملن پارٽي ڪراچي ۾ ڏني ويئي. ان موقعي تي پاڻ هڪ پيغام جماعت لواري شريف کي ڏنائون، جيڪو سندن ان عيد ملن پارٽي ۾ نمائندگي ڪندي موجوده سجاده نشين درگاهه عاليه لواري شريف حضرت پير ميان فيض محمد صاحب نقشبندي پڙهي ٻڌايو.

## پيغام

”جيئن ته اڄ عيد ملن پارٽيءَ جو انتظام اتحاد نوجوان جماعت لواري شريف طرفان ڪيو ويو آهي ۽ ان کان اڳ ”جشن حضرت سلطان الاولياء“ جا نوجوانن طرفان پڻ ملهايا ويا آهن. ان لاءِ هو مبارڪ باد جا مستحق آهن. مالڪ ڪريم سندن ڪوششن کي ڪامياب فرمائي.

حضرت سلطان الاولياء جو فرمان آهي ته نجات شريعت تي عمل ڪرڻ سان حاصل ٿيندي. طريقه نقشبندي سڀني طريقن مان وڌيڪ شريعت تي هلڻ جو زور ڏئي ٿو. جماعت لواري شريف کي خلافِ شريعت کان پاسو ڪرڻ کپي ۽ ”امر بالمعروف نهي عن المنڪر“ تي عمل ڪرڻ، ڪين نماز روزو ۽ سڀني فرائضن جي پابندي ڪرڻ گهرجي، سڀ نشا جيڪي حرام آهن جيئن ته، آفيم، ڀنگ، چرس ۽ شراب وغيره تن کان بلڪل پرهيز ڪرڻ کپي. طريقت جا ڪتاب ڪوشش ڪري سنڌيءَ مان اردو ۽ انگريزيءَ ۽ گجراتيءَ ۾ ڇپايا وڃن. جماعت وارن کي هڪ ٻئي سان محبت سان هلڻ کپي ۽ ڪينو ۽ بغض ۽ پرپٺ شڪايت ڪرڻ کان پاسو ڪرڻ کپي.“

پاڻ غريبن ۽ نادارن جا همدرد ۽ هڏڏوکي هئا. غريبن جي مالي امداد پڻ ڪندا هئا. ڪيترا مفلس شاگرد سندن ذاتي وظيفي تي پنهنجي تعليم حاصل ڪندا هئا. پاڻ سنت نبوي جو صحيح ۽ پورو پورو نمونو ۽ مظهر هيا. پاڻ سڄي زندگي شريعت محمدي تي سختي سان عمل ڪيائون ۽ ڪرڻ جو درس ڏيندا رهيا. مير حاجي سهراب رحمت الله عليه کان روايت آهي، ”مون مرشد امام الاولياء مهاجر مڪي حضرت خواجه محمد سعيد قدس سره‘ جو به گهڻو وقت ڏٺو حاضريءَ ۾ به رهيس سندن قرب به حاصل رهيو وري مرشد امام العالمين حضرت خواجه احمد زمان قدس سره‘ جو به پورو پورو وقت ڏٺو

Marfat.com

حاضريءَ ۾ ٻه رهيس ۽ سندن قرب ٻه حاصل رهيم جهڙيءَ طرح انهن ٻنهي بادشاهن جي طبيعتن جو رخ، هلي چلي، نمونو ڏٺو هيم، بلڪل ساڳي طرح سان حضرت پير بادشاهه خواجه گل حسن (قدس سره) جن جي هلي چلي، نمونو، گفتار، رخ ۽ طبيعت مبارڪ آهي. ته جيترو به فرق نه آهي."

پاڻ پنهنجي خداداد ذهني لياقت موجب هر علم جي ڄاڻ رکندا هئا ۽ سڀني علمن تي عبور حاصل هوندو هون. پاڻ عربي، سنڌي، اردو، پنجابي، پارسي، انگريزي ۽ عبراني ٻوليون چڱيءَ طرح سان ڄاڻندا هئا. ڪين فقهه، حديث، تفسير، فلسفه، تاريخ، جاگرافي، حڪمت، زراعت، سياست، ادب، تصوف ۽ ٻين ڪيترن ئي علمن جي مڪمل، پوري ڄاڻ حاصل هئي. فن سپاهيگري، نشانيبازي ۽ ورزش جو خاص شوق هوندو هون. نهايت ئي تيز تارو (پاڻيءَ ۾ ترندڙ) پڻ هيا. پاڻ جا ڳالهه هڪ دفعي ٻڌندا هئا اها ڳالهه ڪين هميشه لاءِ حفظ ٿي ويندي هئي. اڪثر ٢٥-٣٠ سالن واريون اڳ بيان ڪيل يا ڏٺل حقيقتون ڪين چڱيءَ طرح سان ياد هونديون هيون ۽ اهي ملاقات دوران بيان ڪري ٻڌائيندا هئا.

پاڻ ڪڏهين به ڪنهن سان پوڳ چرچو ڪونه ڪيائون، نه وري ڪڏهين وڏو ٽهڪ ئي ڏنائون. هميشه حق ۽ سچ جي پرچار ڪندا رهيا. ڪوڙ ۽ گلا کان سخت نفرت رکندا هئا. ڪوبه سوالي سندن در تان خالي نه وريو. هر اينڌڙ کي مشڪندي منهن "ڀلي ڪري آيا" چوڻ فرمائيندا هئا. پاڻ نهٺائي ۽ حليمائي جو مظهر هيا. سندن خوراڪ ۽ پوشاڪ سادي هوندي هئي. سٽپ تمام گهٽ استعمال ڪندا هئا ۽ بلڪل ٿورو کائيندا هئا. سندن اٿڻي ويهڻي بلڪل سادي ۽ ٺاٺ باٺ کان خالي هئي. اجائي هٺ، ٺانءُ ۽ ٺيڳر کان سخت نفرت ڪندا هئا. ڪين هارين ۽ مزدورن سان همدردي هوندي هئي. هڪ دفعي جو ذڪر آهي ته پاڻ ٢١ جون ١٩٧٥ع تي قاضي احمد ضلع نوابشاه ۾ موجوده سجاده نشين درگاه عاليه لواري شريف حضرت قبله سائين پير

ميان فيض محمد نقشبندي وٽ تشريف فرما ٿيا. سخت گرميءَ جو ٽائو هيو. جاءِ ۾ بجليءَ جو پکو هلي رهيو هيو. پاڻ اهو پکو بند ڪرايائون ۽ فرمايائون، ”ايتري گرمي ته ڪانه آهي، مون رستي ۾ ڏٺو پئي ته هارين زمين ۾ ڪم پئي ڪيو.“

سندن چهرو رعبدار، ڪُليل هيو ۽ قداور مڙس هئا. ڪنهن ڪان به مفت ۾ ڪو ڪم نه وٺندا هئا. هر ملازم کي ان جي لياقت موجب پگهار ملندي هئي ۽ رهڻ لاءِ ڪوارٽر يا جاءِ به ڏيندا هئا. هر مفلس غريب جي شادي، غمي، بيماري ۽ تعليم وغيره ۾ مالي مدد ڪندا هئا. انهن کي روزگار ڏيارڻ ۾ مدد ڪندا هئا. سندن ڪوشش سان لواري شريف جهڙي ننڍڙي ڳوٺ ۾ بجلي، ٽيليفون ايڪسچينج، واٽرسپلاءِ، روڊ، گورنمينٽ هاءِ اسڪول ڇوڪرن لاءِ ۽ ڇوڪرين لاءِ مڊل اسڪول قائم ٿيا. لواري شريف ۾ رهڻ وارن کي بنا معاوضي ۽ مسواڙ جي جاءِ يا دڪان لاءِ پلاٽ ڏيندا هئا.

پاڻ روضه ڌڻي بادشاه حضرت سلطان الاولياء خواجه محمد زمان قدس سره' جا حقيقي وارث ۽ جاءِ نشين هئا. سندن سڄي حيات طيبه مبارڪ پنهنجي خاندان جي بزرگن جي سکيا ۽ تبليغ ۾ صرف ٿي. پاڻ انڌي تقليد ۽ اجاين اڻگين رسومات جهڙوڪ بدي جي مٽي يا ننڍي عمر جي شادي جي سخت خلاف هوندا هئا. ذات پات، رنگ نسل ۽ مذهب جي هٿرادو ويڇن جي خلاف جهاد ڪندا رهندا هئا. انهن ڳالهين جو سندن پوئلڳن تي گهڻو اثر پيو ۽ سندن مريدن ذاتين جي چڪر مان نڪري مٿيون مائٽيون ڪيون. ڪيترن به وڏي ماڻهوءَ غريب کي سڱ ڏيڻ ۾ عار نه ڪيو.

حضرت پيربادشاه قدس سره' جن جو فيض ۽ سخا جو سمنڊ هرڪنهن لاءِ هڪجهڙو هوندو هو. سندن در تان ڪوبه انسان نراس ٿي نه موٽيو. سندن گفتگو سان ٿي دنياوي ۽ طريقتي مشڪل ۽ منجهيل مسئلا حل ٿي ويندا هئا. سندن ڏسڻ سان روح کي راحت قلب کي سڪون ۽ ڏک درد ڏور ٿي پئي ويا. پاڻ هميشه ذڪرالاهي ۽ ڪتابن جي مطالعي ۾ وقت بسر ڪندا هئا.

Marfat.com

اڪيلائيءَ ۾ ڪيئن فرحت محسوس ٿيندي هئي. پاڻ دنيا جي اڪثر ملڪن جو سير سفر ڪيائون، سياحت دوران جيڪي ماڻهو ساڻن گڏ ويندا هئا انهن جو چوڻ آهي ته پاڻ اتي به اڪيلا رهندا هئا ۽ هر وقت ذڪر ۽ عبادت الاهيءَ ۾ مصروف رهندا هئا. ان کانسواءِ پاڻ يوناني حڪمت ۾ به حاذق حڪيم هئا. ڪهڙي به بيماري هجي اُن جي پوري تشخيص ڪندا هئا. سندن علاج آسان ۽ تمام سستو هوندو هيو. جنهن ۾ سرنديءَ وارن کان دوائن جا پئسا ورتا ويندا هئا ۽ غريبن لاءِ مفت علاج هوندو هو. پاڻ تمام رحمدل هوندا هئا ايتري قدر جو سندن جي روبرو ڪو جانور يا پکي ڪسڻ لاءِ ايندو هو ته پاڻ اُن کي ڇڏائي ڇڏيندا هئا.

سندن ارادي ۽ هدايتن موجب روضه ڌڻي بادشاه حضرت سلطان الاولياء قدس سره' جي عرس شريف جي موقعي تي ادبي ڪانفرنسون ٿينديون رهيون. پڻ سنڌ جي مختلف شهرن ۾ جشن حضرت سلطان الاولياء ٿيندا رهيا. انهن ادبي ڪانفرنسن ۾ ڏيهي توڙي پرڏيهي اديب، عالم، دانشور ۽ شاعر شريڪ ٿيندا رهيا ۽ پڻ لواري شريف ۾ سيرت النبي ۽ نزولِ قرآن پاڪ جا جشن شبينه سندن سعيي سان ٿيندا رهيا. سندن ذاتي توجهات سان وقت جا سربراه، مشير، وزير ۽ مشائخ عظام ۽ علماءِ ڪرام درگاه لواري شريف تي حاضريون ڀريندا رهيا، مگر پاڻ ڪنهن به انسان ۾ خواه مريد معتقد هجي يا غير نامريد هجي، امير هجي يا غريب هجي ڪا لالچ يا غرض ڪونه رکندا هئا. حق سچ جا الفاظ انهن کي چئي ڏيندا هئا ڀل ته پوءِ اهو وقت جو حاڪم ئي ڇونه هجي. هڪ دفعي جو ذڪر آهي ته فيلڊ مارشل محمد ايوب خان اُن وقت جو صدرِ پاڪستان هالن ۾ مخدوم محمد زمان طالب المولي وٽ آيل هيو. اُتي هالا ۾ حضرت پير بادشاه خواجه گل حسن قدس سره' جن کي پڻ مخدوم صاحب دعوت ڏني هئي. اُتي صدر ايوب پير بادشاه جن کي چيو، ”پير محفوظ وارن سان اوهان جو ناهه ڪرائجي.“ صدر جا اهي الفاظ چوڻ ۽ سندن مزاج مبارڪ ۾ جوش اچي ويو، پاڻ

بلند آواز سان صدر کي جواب ۾ فرمايائون، ”پيرمحفوظ وارن منهنجي سڄي زندگي برباد ڪئي آهي، انهن سان قيامت تائين منهنجو ڏاه ڪونہ ٿيندو.“ سندن رعبدار آواز ٻڌي صدر ايوب ڪٺي مات ڪئي.

پاڻ طريقتي ڪمن جي برابر ڪوشش ڪندا رهندا هئا. جنهن سال يعني سن ١٣٥٨ھ ۾ پاڻ ارشاد جي مسند پاڪ تي ويٺا ۽ تاجپوشي ڪيائون ان سال جڏهين حضرت خواجہ ابوالمساڪين قدس سرهٗ جي وصال جو ڏهاڙو ويجهو آيو تہ ان ڏهاڙي تي جماعت کي گڏ ڪرڻ لاءِ لواري شريف ۾ اچڻ لاءِ سڏ ڏنائون.

سندن عزيز جي سندن ڄائي ڄم کان ئي مخالف هئا ۽ طريقت پاڪ جا بہ مخالف هئا تن ان سڏ بعد ساڻن دشمني ڪرڻ جي حد ئي پار ڪري ڇڏي. ڪين هر طرح سان تنگ ۽ پريشان ڪرڻ شروع ڪيائون. پاڻ پنهنجي پهريـن شادي ٢٤ سالن جي ڄمار ۾ تاريخ ٢٧ ذي الحج ١٣٥٢ھ ۾ پير محفوظ جي همشيرہ، ’دختر پير عبدالقادر سان ڪيائون. اها شادي ٿنڌه محمد خان جي ميرن جي زور وجهڻ تي سندن والده صاحبہ جي چوڻ تي بغير پنهنجي ۽ پنهنجي والد صاحب قدس سرهٗ جي خوشيءَ جي ڪيائون، جيڪا پير محفوظ وارن جي گهري سازش جو نتيجو هئي. جنهن مان کين هڪ نياڻي بيبي بلقيس ڄائي جا ادائي سالن جي هئي تہ سندن گهر واريءَ وفات ڪئي. پير حسن بخش پنهنجي همشيره جي وفات کان پوءِ سندن والد بزرگوار صاحب قدس سرهٗ جن وٽ آيو ۽ اچي چيائين، ”اسان جي والده جي طبيعت نياڻيءَ جي وفات جي ڪري خراب ٿي پئي آهي. مهرباني ڪري اوهان نيڙي ’بلقيس‘ اسان کي ڏيو تہ ڪجهہ وقت اسان پاڻ وٽ رهايون تہ ان کي ڏسي اسان جي والده جي طبيعت ٺيڪ ٿئي. پوءِ شيءِ اوهان جي آهي، اوهان کي واپس ڪري ڏينداسون.“ پوءِ پنهنجي ڀاڻيجي بلقيس کي ساڻ وٺي ويا ۽ سندن والد صاحب کي هر وقت اهو چوندا رهندا هئا، ”اوهان جي شيءِ آهي، اوهان کي واپس موٽائي ڏينداسون، رکو ڪجهہ ترسو تہ اسان جي والده جي طبيعت

Marfat.com

نيڪ ٿي." ان بعد سندن والد صاحب قدس سره، جن جو وصال
مبارڪ ٿيو. ان بعد پاڻ ذڪر ڪرڻ فرمائيندا هئا، "مون
پنهنجي نياڻيءَ جي گهر ڪئي مگر هو نٽائڻ لڳا. پوءِ مون
پنهنجي مريد خانبهادر حاجي غلام نبي شاهه گرهوڙي کي
موڪليو، جنهن واپس اچي مون کي ٻڌايو ته پير حسن بخش
جي نيت ۾ ڦيرو اچي ويو آهي. هو ڪڏهين به اوهان جي
نياڻي موٽائي ڪونه ڏيندو ۽ هن جي نيت آهي ته پنهنجي پٽ
سان ان جي شادي ڪرائي." آخر ٿيو به ائين پير حسن بخش
سندن مرضيءَ جي خلاف سندن پرپٺ پنهنجي ڀائيجي بيبي بلقيس
جي شادي پنهنجي پٽ عبدالقادر سان ڪرائي ڇڏي. جنهن
ڏينهن نڪاح ٿي ڪرايائون، ان ڏينهن پاڻ (حضرت پير بادشاهه
قدس سره) پنهنجي نياڻي سان ملاقات ڪرڻ لاءِ سولجر بازار
پير حسن بخش جي جاءِ تي ٽيليفون ڪيائون، جن ٻڌايو ته
هت ڪانهي، پير علي گوهر وٽ آهي. وري پير علي گوهر
جي جاءِ تي ٽيليفون ڪيائون، ته چيائون ته هت ڪونه آهي،
ملير ۾ پير محفوظ جي جاءِ تي آهي. پوءِ پاڻ وري پير محفوظ
جي جاءِ تي ٽيليفون ڪيائون، ته انهن ٻڌايو ته باغ ۾ آهي،
ضروري ڪم هجيس ته سڏيونس. پوءِ پاڻ فرمايائون ته ضروري
ڪم آهي، چئوس ته مون سان ٽيليفون تي ڳالهائي. بيبي بلقيس
ساڻن ٽيليفون تي ڳالهايو، جنهن تي پاڻ فرمايائون، "مون کي
ملاقات ڪرڻي آهي،" مگر بيبي بلقيس جواب ڏنو، "مان اوهان
سان ملڻ لاءِ تيار ڪونه آهيان،" ۽ پوءِ نڪاح ڪرائي ڇڏيائين.
ان کان اڳ به پاڻ پنهنجي نياڻيءَ کي حاصل ڪرڻ لاءِ
راڄوڻي خواه قانوني طور ڏاڍي ڪوشش ڪيائون، مگر پير
حسن بخش ۽ پير محفوظ وارن بلڪل ڏيڻ کان انڪار ڪري
ڇڏيو ۽ بعد ۾ انهن سندن نياڻيءَ کي پڙهائي اهڙو پختو ڪري
ڇڏيو جو هوءَ عدالت ۾ سندن خلاف بيان ڏيئي ويئي. جنهن
ڪري عدالت نياڻي کين واپس ڪونه ڏياري. پاڻ اڪثر ذڪر
ڪندا هئا، "حسن بخش پنهنجي ڀائيجي بيبي بلقيس کان اهڙا

خط لکرايا ته مان عبدالقادر ولد حسن بخش سان شادي کندس،
پيرحسن بخش چوندو هو، "منهنجي ته مرضي پنهنجي پٽ سان
پرڻائڻ جي ڪانه هئي، مگر پاڙيچي زور پريو آهي، ان ڪري
پنهنجي پٽ جي ان سان تو شادي ڪرايان."

اهو صاف ظاهر آهي ته درگاهه عاليه لواري شريف جا
جيترا به سجاده نشين ٿيندا آيا آهن، انهن سان انهن جي
عزيزن جو تڪرار هلندو آيو آهي. اهو ئي سبب آهي جو
حضرت پير بادشاهه قدس سره' سان سندن عزيزن جي دشمني
هلندي آئي، جنهن ۾ پير حسن بخش ۽ پير محفوظ وارا
پيش پيش رهندا آيا آهن.

پاڻ مون راقم سان مورخه ٢٥- ڊسمبر سن ١٩٧٩ع تي
پنهنجي قرب جي ڪچهري ونديندي، جا الڪل پنج ڪلاڪ
ڪن هلي، پنهنجي عزيزن جي دشمني جو ذڪر ڪندي فرمايائون،
"بابا جي وقت ۾ هڪ ڏينهن بابا جن لواري شريف ۾ پنهنجي
رهڻ واري بنگلي جي دري ۾ مان منهن ڪڍيو ڪاڏي نهاري
رهيا هئا ته هيٺيان وسند ساند (وسند ساند، ملير ڏاهري ۽
حاجي گهنور ڏاهري پير محمد اشرف جا خاص ماڻهو هئا.) سندن
مٿان بندوق ڇوڙي، ڇرا سندن ڪنن مبارڪن جي پاسي مان
لنگهي ويا. ان وقت پير محمد اشرف ڏاکڻ هيٺيان لڪل هيو. پاڻ
هڪل ڪري چيائون ته محمد اشرف لڪي فائر نه ڪراءِ مان
اجهو ظاهر بيٺو آهيان ۽ منهنجو سينو ڪليل آهي، هاڻي تون
فائر ڪراءِ، ته پير محمد اشرف ٻاهر نڪري چيو وسند اوهان
جي مٿان فائر ڪونه ٿي ڪيو، حڪيم ڏس ڏنو اٿس ته ڪبوتر
ماري کاءُ، سو ڪبوتر کي بندوق ٿي هنيائين. پاڻ فرمايائون
ته ڪبوتر منهنجي مٿان ويٺو هو ڇا؟" وڏيڪ پير بادشاهه جن
مون سان ذڪر ڪندي فرمايو، "تنهنجو ڏاڏو رئيس ٺارو شاهه
دڙائي پير محمد اشرف وٽ هلي ويو ته وسند ساند، ملير ڏاهري
۽ ٻيا جيڪي تنهنجا ماڻهو آهن، اهي هر وقت پيربادشاهه جي گلا
ڪندا ٿا وتن، تون انهن کي ڪڍي ڇڏ، ته جواب ڏنائين ته

Marfat.com

اهي منهنجا خاص ماڻهو آهن، ان ڪري انهن کي ڪونه ڪڍندس، جنهن تي شاهه صاحب چيس ته اسان ته تو کي چڱو ڪري سمجهندا هئاسون، هاڻي جيڪو تو وٽ آياسون وري ڪونه ايندا سون.“

ان ئي ملاقات ۾ پاڻ مون سان لاڪاڻ جبل تي شڪار ۾ گهمڻ وارو ذڪر ڪري ٻڌايائون، ”ميان احمد مون کي لاڪاڻ جبل لس ٻيلي تي شڪار لاءِ وٺي ويو. اسان سان گڏ پير محفوظ، پروفيسر صفوي وغيره وارا هئا. شام جو هڪ رانوٽي ۾ جتي اسان جي سمهڻ لاءِ بسترا وڇايل هئا، آءٌ ليٽيس پيس جو ٿڪ گهڻو هيو. مگر هيٺ زمين ناهموار پٿريلي هئڻ ڪري ننڊ به نه پئي اچي مگر اڪيون ٻوٽيو ليٽيو پيو هوس. هنن سمجهيو ته مان ستل آهيان، جنهن تي پروفيسر صفوي پڇيو ته هي ڪير آهي؟ پير محفوظ جواب ڏنو ته هي اسان جي سوڍ جو واحد پٽ آهي، هن جو والد وڏي ملڪيت ۽ گاديءَ جو مالڪ آهي، مگر هي اڻ پڙهيل آهي، اسان هن کي پنهنجي پيڻ جو سڱ ڏنو آهي ته جيئن هن جي والد جي وفات کان پوءِ ملڪيت ۽ گاديءَ تي سولائي سان قبضو ڪري سگهون. پروفيسر صفوي پڇيو ته هن جو ڪو ٻيو حمايتي ڪونه آهي، ته پير محفوظ جواب ڏنو ته هڪ مامو (حاجي قبول ارباب) اٿس، مگر ان جو ايترو اثر ڪونه آهي. ان تي آساني سان قابو پائي وٺنداسون. پوءِ مون واپس اچي پنهنجي والد کي سڄي ڳالهه ڪري ٻڌائي، جنهن چيو ته مان اڳ ۾ ئي ان شاديءَ ۾ خوش ڪونه هوس، مگر فقط تنهنجي والده جي چوڻ موجب ڪئي. حقيقت ۾ مون هيءَ شادي پنهنجي والده صاحبه جن جي چوڻ ڪري ڪئي، جو انهن جو اصرار هيو ۽ مان انهن کي جواب ڏيئي نه سگهيس.“

ان ئي ملاقات ۾ مون کي پاڻ فرمايائون، ”جڏهين بابا وفات ڪئي ته هڪدم پير حسن بخش، پير محفوظ، پير علي گوهر، پير عبداللطيف، پير سعيد حسن، مير غلام علي، مير حسين بخش، بيبي عنايت ۽ بيبي غفوران وارن گڏجي هڪ

گروپ ٺاهي منهنجي زور شور سان مخالفت شروع ڪئي ۽ اٽڪل ٻه درجن ڪيس داخل ڪيائون. مان اڪيلو، هوڏانهن هڪ طرف جماعت ۽ ٻيا واسطيدار ماڻهو مون وٽ بابا جي فاتحه لاءِ پئي آيا. پوءِ مون ڪيسن سان ٻه منهن پئي ڏنو ۽ فاتحه ڪرڻ وارن سان پڻ. هڪ ڏينهن محمد رحيم ميمڻ ٻسمس ٽپل صوبيدار جنهن کي پير حسن بخش ۱۰۰ روپيه مهيني جي پگهار تي بيبي عنايت جو عام مختيار ڪري رکيو هيو، سو ڪوٽ پاڪ جي لڪي دروازه تي آيو، جتي قاضي گل محمد ۽ ٻيا منهنجا نوڪر ويٺل هئا، اچي تن کي چيائين ته اسان اوهان جي پير کان 'پيڻ' جو زمين مان حصو وٺي ويا آهيون. باقي وڏي بادشاهه جو خزانو آهي، ان مان حصو وٺي پوءِ اوهان جي پير کي گدوءَ ۾ داخل ڪرائينداسون. قاضي گل محمد مون کي اهو سڄو احوال ڪراچي خط رستي لکي موڪليو.“ وري پاڻ فرمايائون، ”محفوظ وارن چوائي موڪليو ته اسان جا پاڪستان جي هوائي فوج ۾ پائلٽ دوست آهن؛ هن وقت جنگ هلندڙ آهي، (سال ۱۹۷۱ واري جنگ) اهي چون ٿا ته جي اوهين چئو ته لواري شريف ۾ جڏهن پير بادشاهه کليل ميدان ۾ جماعت سان گڏ نماز پڙهن اچي ته پوءِ مٿان بم ڪيرائي ختم ڪري ڇڏيونس، هرڪو ائين سمجهندو ته هينئر جنگ هلندڙ آهي، ان ڪري اهو بم دشمن ملڪ هندستان جي ڪنهن هوائي جهاز ڪيرايو هوندو. مگر اسانکي غريب جماعت تي رحم اچي ٿو ته پير بادشاهه سان گڏ اهي به مارجي ويندا، ان ڪري پائلٽن کي ائين ڪرڻ کان منع ڪئي اٿئون.“ وري فرمايائون، ”منهنجي ڏيءَ (بيبي بلقيس) کي پنهنجن مامن پير محفوظ وارن اهڙو ته منهنجي خلاف پڙڪائي پڙهائي ڇڏيو آهي، جو جڏهين منهنجي مٿان تڪليف ايندي آهي ته هوءَ خوش ٿيندي آهي ۽ اڪثر مون کي گهٽ وڌ چورائي موڪليندي آهي ۽ چوندي آهي ته منهنجو پيءُ مري ويو، آهي ڏي ڪونه.“ ان

ملاقات ۾ ٿي ٻڌايائون، "هاڻي هڪ ڏينهن سليمان شاهه منيائي وارو (جو اصل ۾ درگاهه شريف جو مريد هيو ۽ پير محفوظ سان مائٽي اٿس.) هٽ اسلام قلب ۾ آيو شام جو وقت هيو ته اوچتو بجلي فيل ٿي ويئي ته وٽي دانهون ڪيائين ته هن بادشاه جي وقت ۾ ڪيتري نه بدانتظامي آهي. ڪڏهين وڏي بادشاه جي وقت ۾ بجلي فيل ٿي! بادشاه هروڀرو هٽ تي چڙهيو آهي ويچارا پيرمحفوظ وارا ڏاه ڪرڻ لاءِ آتا آهن ۽ پيرمحفوظ جا پٽ جوان آهن رڳو بادشاه انهن سان ڏاه ڪري ته اُهي پاڻهي اڇي سڀ ڪم سنڀاليندا. پوءِ جڏهين مون کي خبر پيئي ۽ مون ڏٺو ته سليمان شاه جماعت ۾ غلط پروپيگنده ڪري گمراهي ڦهلائي رهيو آهي. بابا جي وقت ۾ نه اسلام قلب ۾ بجلي فٽ ڏني ڪانه ٿيل هئي بجلي ته مون فٽ ڪرائي آهي ان ڪري مون سليمان شاه جو هٽ بند ڪري ڇڏيو آهي." سليمان شاه جي هٽ بند هجڻ جي ته سڄي جماعت کي خبر آهي. پاڻ هرهڪ جماعت واري کي اهو صاف صاف ۽ واشگاف لفظن ۾ فرمائيندا هئا، "جيڪي منهنجا آهن آهي پير حسن بخش، پير محفوظ ۽ پير عبداللطيف وارن ڏانهن نه وڃن. جيڪي انهن ڏانهن وڃن اُهي مون وٽ نه اچن." پاڻ پنهنجي انهن مخالفن سان جماعت کي مڪمل طرح سان قطع تعلق ڪرڻ جو حڪم ڏيندا هئا. ڪڏهين ڪڏهين پنهنجن انهن دشمنن جي دشمني بيان ڪندي پاڻ ايترو نه ڏکيرا ٿي ويندا هئا جو سندن اکين مبارڪن ۾ پاڻي ڀرجي ايندو هيو. پاڻ ان وقت جي ائڊمنسٽريٽر لياقت ميڊيڪل ڪاليج ڄامشورو ڪرنل ڊاڪٽر نجيب جي ساڻن ڪيل ٽيليفون تي اردو زبان ۾ ڳالهه جو ذڪر ڪندا هئا، "هڪ ڏينهن پير حسن بخش جي وفات کان پوءِ ڪرنل ڊاڪٽر نجيب مون کي ٽيليفون تي چيو ته پير صاحب هاڻي ته پير حسن بخش وفات ڪري ويو آهي، خدا ان کي جنت نصيب ڪري، اوهان انهن سان ڏاه ڪريو. نه مون کيس جواب ڏنو ته نه نه خدا

Marfat.com

ان کي دوزخ نصيب ڪري، ان مون کي سچي زندگي تڪليفون ڏنيون، مان دربار الاهي ۾ فرياد داخل ڪري ڇڏيو آهي، هُن جهان ۾ پنهنجو حساب ڪتاب پورو چُڪائيندس."

حضرت پير بادشاه خواجه گل حسن شاه قدس سره' سان سندن دشمنن جي دشمني ۽ ڪيل ناروا سلوڪ جو هڪ وڏو داستان آهي، جو پاڻ هر جماعت واري کي اڪثر بيان ڪري ٻڌائيندا رهندا هئا. ان ڪري هر جماعت وارو انهن ڳالهين کان چڱيءَ طرح باخبر آهي. حضرت پير بادشاه قدس سره' جن علم، دانش ۽ تصوف جو هڪ بحر، بي‌پايان هئا ۽ پنهنجي جماعت تي وري حد کان وڌيڪ مهربان پڻ هئا. اڪثر منجهيلن جي رهنمائي ڪندا هئا، مگر شريعت تي هلڻ جي سخت تاڪيد ڪندا رهندا هئا. لواري شريف ۾ جڏهين چند ماڻهن "لادينيت" جو پرچار شروع ڪيو ته پاڻ هڪدم انهن کي پنهنجي ڳوٺ مان ڪڍي ڇڏيائون ۽ انهن جي داخلا تي بندش وجهي ڇڏيائون جو آهي جماعت ۾ پنهنجي "لادينيت" جو زهر پکيڙڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا. جنهن جي درگاه شريف سان واسطو رکندڙ هر ماڻهو کي چڱيءَ طرح سان خبر آهي.

پاڻ پنهنجي دور ۾ طريقتي ڪمن کي ڏاڍي هٿي وٺرايائون ۽ پڻ ساليانه عرس مبارڪ حضرت خواجه ابوالمساڪين قدس سره' (٩ - ذي الحج) جنهن تي هر سال حڪومت بندش وجهندي آهي، ان بندش کي لهرائڻ جي ڪوشش ڪندا رهيا. ان کان سواءِ ٻيون به ڪيتريون ئي ديني خواه طريقتي خدمتون سرانجام ڏنائون، جن جي هر عام و خاص کي پليءَ پت خبر آهي.

پنهنجن هارين تي وري اهڙا مهربان هئا جو انهن کي پنهنجن ٻچن کان به وڌيڪ پالئيندا هئا. جنهن جو هڪ مثال هت ڏجي ٿو. اٽڪل ٽيهه سال اڳ جي ڳالهه آهي ته لواري شريف ۾ ساريون تمام گهٽيون مهانگيون ٿي ويون ۽ سترهن روپيه في مڻ جي حساب سان وڪيون ويون. ان بعد

ويهه روپيه في مڻ جي حساب سان به واپاري گهر ڪرڻ لڳا مگر بعد ۾ ماڻهن ۲۰ روپيه في مڻ جي حساب سان به ڪونه ڏنيون جو ماڻهن جي پورائي پنهنجي ڏي مس هئي. اهي مٿيان اگهه روڪڙا هئا. جڏهين لواري شريف ۾ هارين سان بچ، خوراڪ ۽ تقاوي جو فيصلو ٿيو تڏهين پاڻ ڪمال مهربانيءَ سان پنهنجن هارين کان ڏهه روپيه في مڻ جو حساب وٺڻ جو پنهنجن ملازمن کي حڪم ڏنائون. ڪوبه زميندار يا جاگيردار ايئن نه ڪندو ڇاڪاڻ ته هميشه رواج آهي ته روڪڙ جي اگهه کان تقاوي وڏيڪ وٺڻ ۾ ايندي آهي. مگر پاڻ پنهنجي جماعت، ملازمن ۽ هارين تي حد کان وڏيڪ مهربان هئا. ايتريقدر جو سنڌن وصال مبارڪ وقت به سنڌن جو ڪيترن هارين تي لکها روپيه قرض هيو، جن مان ڪيترا بعد ۾ اهو ڪائي ويا ۽ ڪونه ڏنائون.

پاڻ ڪرامتن وغيره ڪرڻ جي بلڪل خلاف هئا مگر ان هوندي به ازخود اهڙيون حقيقتون ظاهر ٿي وينديون هيون جي بلڪل ڪرامت کان خالي نه آهن. هت ڪجهه مثال ڏجن ٿا.

۱- مير حاجي خان راڄو خانائي واري جي زمين تي مخالف ماڻهن جهڳڙو ڪيو ۽ زمين جا ڪاتا پنهنجي نالي ڪرائي ڇڏيا. هي ويچارو ڏاڍو پريشان ٿي ويو ۽ لواري شريف ۾ اچي روضه مبارڪ حضرت شاه سلطان الاولياء قدس سره' اڳيان مراقبو ڪري ويٺو جتان حضرت امام العالمين خواجه احمد زمان سائين قدس سره' کيس فرمايو، "مسند واري وٽ وڃ جنهن کي ڪُلي اختياريون آهن." پوءِ هي پڇي ڪراچي آيو ۽ اچي دُعا ۽ غيبي مدد لاءِ عرض ڪيائين پاڻ کيس دعا ڪرڻ فرمايائون ۽ وري اُها زمين کيس واپس ملي.

۲- علي بخش ولد حاجي قبول ارباب سنڌن (حضرت پير بادشاه قدس سره') جو ماروٽ ٿئي، ان کي سلهه جي بيماري ٿي پيئي. ان وقت جي وڏي ڊاڪٽر محمد علي

Marfat.com

ڪيس ٽپاسي ڇيو تہ ھن جو ڦڦڙ صفا خراب ٿي پيو آھي ان ڪري ھن جي بچڻ جي اميد ڪانہ آھي. پاڻ مھرباني فرمائي ڪيس مڪمل شفا بخشيائون جو اڄ تائين بلڪل تندرست ۽ صحت مند آھي.

٣- ھڪ مائي نالي مھناز ذات ڪوريجو اصل ويٺل ڳوٺ لڳ قمبرعلي خان ضلع لاڙڪاڻہ حال ويٺل ڳوٺ ڪوريجا لڳ لواري شريف ضلع بدين، ڪي اھڙي بيماري ٿي پيئي جو ان جو ھيٺيون ڌڙ سڄو سُڪي پيو. اٿڻ ويھڻ کان بہ ويچاري رھجي ويئي ھئي. پوءِ سندس گھر وارو ميراڻ ڪيس حضرت پير بادشاه قدس سره' وٽ ڪراچي وٺي آيو. پاڻ ڦيريائين ڪيس وڏن وڏن ڊاڪٽرن جھڙوڪ ڊاڪٽر بروڪ، آمريڪن اسپتال وغيره ۾ ڏيکاريو مگر ڪوبہ فائدو ڪونہ ٿيو. پوءِ مائي وٺي ڪين آھون دانھون ڪيون. جنھن تي پاڻ پنھنجي مھرباني ڪري پنھنجي دوا استعمال ڪرايائون جنھن مان مائي بلڪل صحت مند ٿي ويئي. مير فتح علي ٽالپر کان روايت آھي، ”مان ھڪ ڏينھن سندن حضور ۾ ويٺو ھوس موجوده سجاده نشين درگاه عاليہ لواري شريف حضرت پير ميان فيض محمد نقشبندي بہ ويٺل ھئا تہ پاڻ پير بادشاه جن سڄو مائي مھناز وارو قصو ڪري ٻڌايائون ۽ جيڪا دوا پاڻ مائي مھناز کي استعمال ڪرائي ھئائون ان دوا جو بہ نالو ورتائون جنھن تي پير ميان فيض محمد سائين جن عرض ڪيو تہ قبلہ اِن دوا جو تہ انھيءَ بيماري سان ڪوبہ تعلق يا واسطو ڪونہ آھي پوءِ اھا دوا ڪيئن فائدو ڪندي. ھي تہ ڪا ڪرامت آھي تہ پاڻ مُرڪي ڪنڌ مبارڪ لوڏي فرمايائون تہ ھينئر اھا مائي وڏيون وزندار گاه جون ڀريون پنھنجي ھٿ تان کڻي گھر اچي ٿي ۽ پنھنجي ڳوٺ کان وٺي لواري شريف تائين پنڌ ايندي ويندي آھي.“

٣- پير بادشاه جن جي حاضريءَ جي نوڪر محمد لائق ولد لال بخش جوڻيجو کي پيٽ جي تڪليف بواسير وانگر

Marfat.com

آهي. اها ساڳي بيماري مون کي به ٿي پيئي هئي ڏاڍو علاج ڪرايو هئم مگر ڪو فائدو ڪونه ٿيو پوءِ لڪيءَ وارن گندرف جي گرم پاڻي وارن چشمن ۾ وڃي وهتس بلڪل ٺيڪ ٿي ويس. اوهان به هن کي لڪيءَ موڪليو پوءِ پاڻ مون کي ڀاڙو خرچ ڏناڻون مان لڪيءَ آيس روزانه ٻه گهمرا ان پاڻيءَ ۾ وهنجندو هوس مگر گهڻي آزار جي ڪري گهڻو وقت پاڻي ۾ اندر ويٺو هوندو هوس آتان جا ماڻهو مون کي منع ٻه ڪندا هئا ته ايترو وقت گرم پاڻي ۾ وهڻ نقصانڪار آهي مگر مون کي تڪليف گهڻي هئي ان ڪري گهڻو وقت اندر پاڻيءَ ۾ ويٺو هوندو هوس. آخر فائدو ڪونه ٿيو مگر گرم پاڻيءَ ۾ گهڻي ويهڻ اهو حال ڪيو جو جان ۾ طاقت صفا رهي ئي ڪانه. اهڙو حال ٿيو جو مس مس رڙهي گاڏيءَ ۾ چڙهي ڪراچيءَ پهتس. پوءِ موڪل وٺي ڳوٺ ڪنڌڙي آيس. اتي پيرومل ڊاڪٽر شاهه پورچاڪر واري کان علاج ڪرايم مگر ڪو به فائدو ڪونه ٿيو. آخر چاليهه ڏينهن ٻنهي، چاليهه ڏينهن شاهترو، چاليهه ڏينهن سينور ۽ هريڙ پيتم مگر ڪو به فائدو ڪونه ٿيو. نم ۽ ڊاماهي جي پاڻيءَ سان وهنجدو هوس مگر فائدو ٿئي ئي نه، آخر وٺي حضرت پير بادشاه قدس سره' کي آزيون نيازيون ڪيم. جڏهين انهن سيني دوائن ڪو به فائدو ڪونه ڪيو ته پاڻ بغير دوا جي مڪمل شفا بخشيائون ۽ بلڪل صحت مند ٿي ويس."

۵- حاجي سهراب کان ئي روايت آهي ته سندس پٽ ڪرم خان بيمار ٿي پيو ڪيس مدي جو تپ (ٽائيفائيڊ) هيو چاليهن ڏينهن کان پوءِ به تپ نه ڇڏيو ۽ ٽنگ ۾ به اهڙو سور ٿي پيس جو رات خواه ڏينهن رڳو رڙيون پيو ڪندو هيو، منٽ به آرام ڪونه هوس. صفا لاغر ٿي ويو. پوءِ حاجي سهراب ڪراچي اچي حضرت پير بادشاه قدس سره' وٽ دانهون ڪيون پاڻ ڪيس فرمايائون، "ٽنگ جي سور کان به بخار هوندو آهي. في الحال هتان کا دوا وٺي وڃ پوءِ جيئن ٿيئن ڪري هٿ

Marfat.com

ڪراچي وٺي اچينس.“ پوءِ حاجي سهراب ملازم مڪان شريف حاجي ڏنل مرحوم سان گڏ ڊاڪٽر مير چنڊائي وٽ ويو جنهن ٽن چئن ڏينهن جي دوا ڏني پوءِ آها دوا کڻي ڳوٺ آيو ۽ پنهنجي ڀائٽي مير غلام نبي سان ذڪر ڪيائين اهو وڏو همت وارو ۽ داناءُ هيو تنهن چيس، ”چاچا فڪر نه ڪريو ڪرم خان کي ڪيئن به ڪري ڪراچي ضرور وٺي هلنداسون“. پوءِ حاجي سهراب مير غلام نبي ۽ ٻن ٽن ٻين ماڻهن کي ساڻ ڪري ڪرم خان کي سوڙ تي سمهاري اسٽيشن تي کڻي آيو ۽ جيئن تيئن ڪري ڪراچي اچي پهتا. پاڻ ڪين هڪ ڪوٺي رهڻ لاءِ، هڪ کٽ ۽ هڪ بتي ڏنائون پوءِ سندن حڪم موجب ڊاڪٽر مير چنڊائي جو علاج شروع ڪرايائون سندس گهرواري وٽي ڪين (حضرت پير بادشاه قدس سره‘) ستايو. پاڻ مهرباني ڪيائون رب پاڪ جي حضور مان ڪرم خان جي نئين حياتي وٺي ڏنائون. دوا سان بخار صفا ڇڏي ويو ۽ بلڪل تندرست ٿي ويو. ٽنگ جو سور به ڇڏي ويو، مگر سور جي وقت ٽنگ جا ڏوڙي جهلي هئائين سا سڌي نه ٿي پوءِ مالشون وغيره گهڻيون ئي ڪيائون مگر پوءِ به ٿورو عيب بيهي ويس. مگر اهو عيب حاجي سهراب بيان ڪندو هو ته، ”منهنجي قصور جي ڪري بيهي رهيو جو ڪرم خان جي علاج هلندي پاڻ پير بادشاه جن مون کي پاڻ سان گڏ سفر تي وٺي ويا. ستاويهه ڏينهن سائين رهيس پوءِ پٽ جي بيماريءَ جي خطري جي ڪري اجازت وٺي ڪراچي هليو آيس حالانڪه اُتي خيرپور ميرس ۾ قاضي محمد اشرف مليو جنهن چيو ته مان ڪرم خان بلڪل چاق ڏسيو پيو اچان جو کٽ تي ويٺو هيو. مگر پوءِ به مون پنهنجي جاءِ تي ٻيو ماڻهو گهرائي سندن جي حوالي ڪيو ۽ مان اجازت وٺي هليو آيس مگر مان ان علائقي جو واقف هيس ان ڪري منهنجي ڇڏڻ ۾ راضي ڪونه هئا. مگر مان هليو

آيس. منهنجي ان خطا جي ڪري ڪرم خان جي ٽنگ جو عيب رهجي ويو."

٦- سرائي رئيس پيربخش خان ولد سرائي رئيس پير محمد خان هاشماڻي ويئل ڳوٺ ڳاڏ لڳ جهڏو گدام جنهن تي شاديون ڪيون پر نرينه اولاد ڪونه ٿيس ۽ حضرت پير بادشاه قدس سره' کي نرينه اولاد لاءِ عرض ڪندو رهيو. پوءِ پاڻ به هڪ دفعي ڪراچي ڪان لواري شريف آيل هئا، سرائي پيربخش به لواري شريف آيل هيو پوءِ جڏهين پاڻ ڪراچي واپس پئي ٿيا ته سرائي پنهنجي موٽر ۾ کين ڪٺي ڪراچي آيو ۽ بنگلي تي لهڻ شرط سندن قدمن مبارڪن تي ڪري پيو ۽ ڏاڍيون آزيون نيازيون ڪيائين ته، "مونکي رب جي دربار مان پٽ وٺي ڏي." خانصاحب عبدالرحمان عرف بخشو به سندس لاءِ عرض ڪيو. پاڻ فرمايائون، "خدا جي رحمت مان نااميد نه ٿي، ڏٺي سڀ خير ڪندو". پوءِ سڀت ئي سرائي جي گهر ۾ اميد واري ٿي ڪيس پٽ ڄائو جنهن جو نالو حضرت پير بادشاه جن ڪان ورتائين، "مُبارڪ" ۽ اهو مبارڪ هن وقت اولادي عيالي آهي.

٧- قاضي محمد اشرف مرحوم ڳالهه ڪندو هو ته ان پنهنجي برادريءَ مان شادي ڪئي هئي جنهن مان هڪ پٽ ڄائو هوس. پوءِ هڪ دفعي پاڻ قاضي محمد اشرف کي خط لکي موڪليائون ته لواري شريف وچ اڌي سارين جي ٻنئي ڪري پندرهن ويهه ڏينهن رهي ڪم ڪار لاهي، پوءِ پنهنجي ڳوٺ ٽنڊو جان محمد وڃج. قاضي محمد اشرف خط ملڻ شرط لواري شريف آيو ته پٺيان سندس گهرواري ۽ پٽ گذاري ويا ڪيس جڏهين اها تار ملي ته ڪيس سخت ڏک ۽ صدمو رسيو ۽ ڳوٺ ويو. ڪجهه وقت ويٺو هيو، پوءِ مهر قوم مان شادي ڪيائين جنهن مان به نياڻيون ڄايس مگر نرينه اولاد ڪونه ٿيس، پوءِ اچي حضرت پير بادشاه کي ستايائين. ان بعد ڪيس به پٽ ڄائي فيض الله ۽

Marfat.com

نورمحمد جي ڇاوا جي خدا جي فضل سان هن وقت جوان اولادي عيالي آهن.

۸- سال ۱۹۴۷-۴۸ع جو ذڪر آهي ته حضرت پير بادشاه جا ڪي ميمڻ مريد ويٺل ڳوٺ لکي غلام شاه لڳ شڪارپور جا، عيال سميت ڪراچيءَ ۾ سندن زيارت لاءِ آيا پوءِ جڏهن واپس ڳوٺ تي ويا ته مير حاجي سهراب جي روبرو ماسٽر غلام حسين دايه لاڙڪاڻه واري کين چيو ته پوين گاڏو ريل جو ان تي دادو لڪيل هوندو. ان ۾ ويهجو جو اهو ڪاٺي پاٺي دادو وڃڻ واري گاڏيءَ سان لڳائيندا اوهان کي هونءَ گاڏي مان لهي وري ٻي گاڏي وٺي پوندي پر ائين ڪرڻ سان اوهان کي لهڻو ڪونه پوندو. پوءِ جڏهين هو اسٽيشن تي ٽڪيٽ وٺي اندر پليٽ فارم تي آيا، ته دادوءَ وارو گاڏو ته چڪار ٽيل هيو، مگر سڄي گاڏي پيريل هئي، رش ڏاڍي هيس چڙهڻ جي جاءِ اصل ڪانه هئي. پوءِ هنن 'بابوءَ' کي چيو ته اسان ٻچڙيوال آهيون، هت ڪراچيءَ جهڙي شهر ۾ رهڻ ڏکيو آهي مهرباني ڪري جاءِ وٺي ڏي. ان گاڏيءَ ۾ ٻه مليٽريءَ جا گاڏا هئا، بابو ان مليٽريءَ جي گاڏن مان هڪ گاڏي وارن کي اچي چيو ته هي ٻچڙيوال آهن هت دربدر آهن اوهان مهرباني ڪري گاڏي جي هڪ پاسي تي ويهو ته خالي پاسي ۾ اچي هي ويهن. مليٽري وارن هڪ پاسو خالي ڪري ڏنو، پوءِ هي جماعت وارا ان خالي پاسي پنهنجا ٻار ٻچا وٺي اچي ويٺا. انهن جماعت وارن سان هڪ نامريد به گڏ ڳوٺ جو هيو جو پڻ زيارت لاءِ انهن سان گڏ ڪراچي آيو هيو. پوءِ ريل گاڏي جڏهين جنگشاهي جي اسٽيشن تي پهتي ته اتان چڙهڻ لاءِ سنگل ڏناڻون ۽ پويان ٻي گاڏي ڪراچي ڪان پئي آئي ان کي اچڻ جو سنگل ڏنائون. وچڻ واري گاڏي جنهن ۾ جماعت جا ماڻهو سوار هئا ان کي وري روڪي وڌائون جو ميربحر کي چيائون ته 'پلو ڏيئي' پوءِ وڃي ميربحر هڪ پلو

ڏنو هُنن چيو ته نه پيو به ڏي. بس ايتري ۾ پويان ڪراچي
ڪان اينڊڙ گاڏي اچي ويئي ۽ هِنَ بيٺل گاڏيءَ سان زور سان
اچي ٽڪرائي. ڪيترائي گاڏا هڪ ٻئي تي چڙهي چڪنا چور
ٿي ويا. منجهن ويٺل ماڻهو صفا ختم ٿي ويا. جنهن گاڏي ۾
جماعت وارا ويٺل هُئا آن جو اڌ مليٽري وارو حصو بلڪل چڪنا چور
ٿي ويو. مگر جماعت وارن ويٺل ماڻهن کي ڪجهه به ڪونه
ٿيو البت اُنهن سان اُهو نامريد جو گڏ هيو اُن کي ڪجهه
ڌڪ لڳا جو دروازي تي ويٺل هيو باقي ٻيا سلامت رهيا. حادثي
کان پوءِ ميان احمد ولد خان صاحب عبدالقادر جو حيدرآباد
ويل هيو سو ڪراچي ايندي سڌو بنگلي تي پير بادشاه جن وٽ
آيو ۽ چيائين، ”قبله سوين ماڻهو مري ويا آهن. گاڏا به ڪيترا
چڪنا چور ٿي ويا آهن. جماعت وارن جو پتو ڪونه آهي.
ماڻهو پڇايو ته سول اسپتال ڪراچيءَ ۾ وڃي پتو ڪن ۽ نٿي
به وڃن جو نٿي ڏانهن به لاريون ڦٽيلن جون پيري موڪليون
اٿن ۽ ٻه ٽي تاڪيا ڪفن لاءِ به ڪٽي وڃن.“ پاڻ جواب ۾
فرمايائون، ”حاجي احمد خير ته آهي؟“ حاجي مير سهراب ۽
ماستر غلام حسين دايه جي اُن وقت سندن وٽ ويٺل هُئا پاڻ
انهن کي پيسا ڏناڻون ۽ فرمايائون، ”اوهان سول اسپتال
ڪراچيءَ ۾ وڃي پتو رکو، مان نٿي ٻيا ماڻهو ٿو موڪليان.“
مير حاجي سهراب ۽ ماستر غلام حسين دايه جيئن ئي باغيچو
ٽپي ٽرام جي پٽي تي آيا ته اِنهن لکي وارن ميمڻ جماعت وارن
مان هڪ ماڻهو ٽرام تان اچي لٿو. مير حاجي سهراب اُن کي
سڃاڻي پڇيو، ”ابا خير ته آهي؟“ جواب ڏنائين، ”پيو سڀ خير
آهي البت اسان سان گڏ جيڪو نامريد هيو اُن کي ڪجهه
ڌڪ لڳا آهن، سو مان اُن کي وٺي سول اسپتال ۾ علاج ڪرائڻ
لاءِ آيو آهيان.“ پوءِ مير حاجي سهراب ۽ ماستر غلام حسين دايه
اُن کي وٺي واپس بنگلي تي آيا جتي حضرت جن سان اچي اُن
ماڻهو سڄي حقيقت بيان ڪئي.

Marfat.com

جنهن ريل گاڏيءَ سان اهو حادثو پيش آيو، ان ئي گاڏيءَ ۾ خان صاحب عبدالرحمان بخشو به مڪان شريف جي ڪم سان حيدرآباد وڃڻو هيو ۽ مير حاجي سهراب جي روبرو اچي حضرت پير بادشاهه قدس سره' جن کان پيسا گهريائين. پاڻ فرمايائون، ”مان هينئر ٻاهر گهمڻ ٿو وڃان، گهمي واپس اچان نه پوءِ پيسا ڏيندس.“ هن ڏاڍو چيو، ”قبله دير ٿي ويندي اها گاڏي نڪري ويندي ٻي گاڏي منجهند جو ١٢ بجي حيدرآباد پهچندي. گرميءَ جا ڏينهن آهن هڪ بجي دفتر بند ٿي ويندا آهن ڪوبه ڪم ڪونه ٿيندو پيسا ڏيئي پوءِ توهان گهمڻ وڃو.“ پاڻ فرمايائون، ”نه ڦريائين مان گهمي اچان پوءِ تو کي پيسا اچي ڏيندس.“ خان صاحب بخشو گهڻو زور ڀريو مگر پاڻ ڪوبه خيال ڪونه ڪيائون ۽ اٿي ٻاهر آيا ۽ گهمڻ لاءِ نڪري ويا واپس اچي بخشوءَ کي پيسا ڏنائون اهڙيءَ طرح خان صاحب بخشو ان ريل ۾ وڃڻ کان رهجي ويو.

٩- آءٌ راقم بلڪل ننڍو هيس ۽ هڪ ڏينهن پنهن جي والد حڪيم سيد ابوطالب شاهه دڙائي رحمت الله عليه جي دڪان تي ويٺو هوس، بوبڪ جو هڪ شخص نالي عبدالفتاح ولد ڏاتر ڏنو ٿيبار ميمڻ جيڪو مولوي حافظ عبدالقادر بوبڪائي جو ويجهو عزيز ٿيندو هيو مگر هيو نامريد مگر ڪيترا دفعا حضرت پير بادشاهه قدس سره' جي زيارت ڪري چڪو هو، سو صبح جي مهل منهنجي والد جي دڪان تي آيو ۽ اچي چيائين، ”سائين ابوطالب شاهه مان اوهان کي اوهان جي پير بادشاهه (قدس سره') جي ڪرامت ٻڌايان ٿو. مان ڪراچي ويو هوس. ڪراچيءَ کان واپس ڪن عزيزن جي جيپ تي واپس حيدرآباد پئي آيس اسان اڃان ٺٽه کان اورتي هئاسون ته اوچتو جيپ جو ٽاءِ راڊ اينڊ ٽٽي پيو. جيپ اسپيڊ ۾ هئي ان ڪري ڪنٽرول کان نڪري وئي ۽ پڪو روڊ ڇڏي هيٺ لٿي، مون ڏٺو ته اڳيان وڏو شاهي ڪاهون (ڪڏو) هيو بس پوءِ مون اکيون کڻي ٻوٽيون ۽

بي اختيار رڙ ڪيم ته ’لواري وارا پير رس‘ ته ايتري ۾ جيپ بيهي ويئي ۽ اسان ٽپ ڏيئي سڀ هيٺ لهي وياسون. اهڙيءَ طرح اسان موت جي منهن ۾ ويندي ويندي بچي وياسون.“

١٠- تاريخ ٣٠- ڊسمبر ١٩٧٨ع تي پاڻ پير بادشاه قدس سره‘ لواري شريف آيل هئا. مان راقم به زيارت لاءِ لواري شريف آيل هوس، پوءِ ملاقات جو شرف بخشيائون جنهن ۾ پنهنجن عزيزن جي عداوت بيان ڪرڻ کان سواءِ ٻيون ڪيتريون سمجهاڻيون پڻ ڏنائون ۽ ”وهابيت“ تي به تمام فصيح ۽ تفصيل سان روشني وجهي سمجهايائون پوءِ تحريڪ پاڪستان تي روشني وڌائون. اِن ملاقات ۾ دورانِ گفتگو هڪ ذڪر ڪرڻ فرمايائون ته لادين چون ٿا ته قرآن پاڪ الهامي ڪتاب ڪونه آهي پوءِ پاڻ ان لاءِ ڪيترا دليل ڏنائون جن مان هڪ مون راقم کي ياد آهي. پاڻ فرمايائون، ”قرآن پاڪ ۾ الله پاڪ فرمايو آهي ته اسان فرعون (حضرت موسيٰ عليه السلام وارو فرعون، پاڻ نالو به ورتائون) جي لاش کي محفوظ ڪري رکيو آهي ته ماڻهو اُن کي ڏسي عبرت ڪائين. حالانڪ اِن فرعون جي لاش کي ظاهر ٿئي ٨٢-٨٣ سال ٿيا آهن. ان کان اڳ ڪنهن کي به خبر ڪانه هئي ته ڪو فرعون جو لاش ممي‌ءَ جي صورت ۾ محفوظ آهي. ان مان ثابت آهي ته قرآن پاڪ الهامي ڪتاب آهي.“ پوءِ هڪ ڳالهه ڪرڻ فرمايائون، ”منهن جو هڪ يهودي دوست (انوڪ) آهي، اهو اڪثر مون وٽ هت ايندو آهي ۽ رهندو آهي. مان جيڪو ڪجهه اُن کي کارائيندو آهيان سو هو کائي ويندو آهي ورنه يهودي ته مسلمانن جي ڪٺي به ڪونه کائيندا آهن.“ پوءِ پاڻ فرمايائون، ”هڪ دفعي اُهو منهن جو يهودي دوست مون وٽ آيو، اُن سان گڏ هڪ ٻيو يهودي به هيو مگر اُهو نئون يهودي بلڪل ڪٽر قسم جو پڪو مذهبي

يهودي هيو، آن اسان کي چيو تہ مانيءَ ۾ مان اوهان جي ڪابہ حلال ڪيل شيءِ ڪونہ کائيندس. مون کي ڀاڄيون وغيره کارائجو. پوءِ هڪ ڏينهن اهي ٻئي يهودي ۽ اسان گهمڻ پئي وياسون تہ واٽ تي آن نئين مذهبي قسم واري يهوديءَ موٽر بيهارڻ لاءِ چيو، چيائين تہ مان نماز پڙهندس پوءِ اسان موٽر بيهاري هيٺ لٿاسون آن يهوديءَ پڇيو تہ هتان بيت المقدس ڪهڙي طرف آهي؟ اسان آن کي جواب ڏنو تہ بيت المقدس جي خبر ڪانہ آهي باقي اسان مسلمان اولهہ طرف ڪعبتہ الله شريف ڏانهن منهن ڪري نماز پڙهندا آهيون جنهن تي آن يهودي چيو هتان بيت المقدس بہ اولهہ طرف ٿيندو. پوءِ هن نماز پڙهي. جهڪيو صحي مگر سجده ۾ ڪونہ ويو. پوءِ اسان گهمي واپس آياسون.

ان بعد مون واري دوست يهودي مون کي چيو تہ اسان هڪ پنهنجو وڏو مسئلو کڻي اوهان وٽ آيا آهيون. مون پڇيو تہ ڪهڙو مسئلو آهي؟ تہ هن چيو هيءَ منهن جو دوست آهي، سندس عمر چاليهہ سال ٿي ويئي آهي مگر هي ڪٽر مذهبي قسم جو ماڻهو آهي. جڏهن تہ اسان جون ڇوڪريون ماڊرنائيز، جديد فيشن ۽ تهذيب جون دلداده آهن، ان ڪري ڪابہ ڇوڪري هن کي قبول ڪونہ ٿي ڪري، جنهن ڪري هن جي شادي اڃ سوڌو نہ ٿي سگهي آهي. هاڻي اوهان دعا ڪريو تہ هن جي شادي ٿئي. هن کي مان فقط ان مشڪل مسئلي لاءِ وٺي هت اوهان وٽ آيو آهيان. پوءِ مون آنهن کي چيو تہ اوهان روضہ مبارڪ حضرت شاه سلطان الاولياء ۾ وڃو ۽ آتي وڃي دعا گهرو مان بہ اوهان جي لاءِ دعا گهران ٿو. پوءِ آهي روضہ شريف ۾ ويا ۽ دعا گهري واپس اچي مون کي ٻڌايائون تہ اسان دعا گهري آيا آهيون. پوءِ هتان واپس پنهنجي مُلڪ هليا ويا. ڪجهہ مهينن کان پوءِ آن ڪٽر مذهبي يهودي جو خط مليو جنهن ۾ لکيل هيو تہ اوهان جي دعا سان منهن جي شادي ٿي ويئي آهي. ۽ اسان

Marfat.com

آن کي مبارڪباد جو خط لکي موڪليو."

۱۱- مون راقم کي هڪ دفعي بلڊ پريشر جهڙو موذي مرض ٿي پيو. پوءِ مان ڪراچي سنڌن حضور ۾ ويس ۽ وچي ڪين ٻڌايم ۽ ٻاڌايم، "هن موذي مرض مان مون مسڪين جي جان بغير دوا جي ڇڏاءِ." پاڻ مهرباني فرمائي ڪرم جي نظر ڪري فرمايائون، "مڙيوڙي ڏاڍي خير ڪندو." ۽ مان بلڪل بنا ڪنهن دوا دارون ۽ جي شفاياب ٿي ويس ۽ هن مهل تائين بلڪل صحت مند آهيان. باوجود جسيم بدن هجڻ جي ڪنهن به قسم جي ڪا پرهيز ڪونه ڪندو آهيان. چانور، مٺاڻ، پٽاٽا ۽ چڪنائي واريون سڀ شيون استعمال ڪندو رهندو آهيان مگر الله جي فضل سان بلڊ پريشر کان بلڪل آجو آهيان.

۱۲- راقم جي گهرواري ڪي راقم جي هندستان ۾ جنگي قيدي ٿي وڃڻ بعد، جو راقم هتان اڳوڻي اوير پاڪستان (موجوده بنگلديش) ويو هئو، جتان ڊسمبر ۱۹۷۱ع ۾ جنگي قيدي بڻجي ويو، دل جي تڪليف ٿي پئي. سنڌس ڊاڪٽرن کان علاج ڪرايو ويو مگر فائدو ڪونه پيو ٿئي. ڊاڪٽرن جو چوڻ هيو ته دل کي پورو خون ڪونه ٿو پهچي. پوءِ راقم جو والد حڪيم سيد ابوطالب شاه دڙائي رحمت الله عليه حضرت پير بادشاه قدس سره' جن وٽ پهتو. پاڻ پنهنجي دوا ڏنائون ۽ وڏيڪ فرمايائون ته مائي مڪمل تڏهين چڱي ڀلي ٿيندي جڏهين سنڌس مڙس هندستان کان واپس ايندو. پوءِ سنڌن ان دوا مان چڱو فائدو ٿيو مگر راقم جي واپس اچڻ بعد بلڪل چاق چڱي ڀلي ٿي ويئي ۽ هن وقت بلڪل صحت مند آهي.

۱۳- حضرت پير بادشاه جن جي ماروٽ علي بخش ارباب کان روايت آهي ته هڪ دفعي پاڻ لواري شريف آيل هئا ۽ پنهنجي زمين "ننڍي ويءِ" طرف پئي ويا، جيپ علي بخش ارباب هلائي رهيو هيو، پاڻ اڳيان ويٺا هئا، پويان سنڌن ملازم حاجي محمد لقمان ڪيريو ۽ حاجن پٽو ويٺل هئا. حاجي لقمان جي

Marfat.com

هٿ ۾ بندوق هئي. رستي ۾ جيپ هلندي ۽ تتر پڙڪو ڪاڏي اچي سامهون رستي تي ويهي رهيا. پاڻ حاجي لقمان کان بندوق گهريائون، جنهن بندوق ۾ ڪارتوس وڌا. ايتري ۾ علي بخش جيپ پوئتي ڪري ٽيڏي ڪري بيهاري ته جيئن ڏک چٽڻ ۾ آساني ٿئي. جڏهين حاجي لقمان بندوق کين ڏيڻ لڳو ته پاڻ فرمايائون، ”بس ٺهيو. علي بخش گاڏي هلاءِ.“ علي بخش جڏهين گاڏي سڌي ڪري اڳتي هليو، اوچتو ننڍڙا ٻچڙا تترن جا پاسي وارن ٻوڙن مان نڪري اچي انهن وڏن تترن سان گڏيا، جي انهن وڏن تترن جا ٻچا هئا. اهڙي طرح سان اهي تتر شڪار ٿيڻ کان بچي ويا.

١٤- راقم جي والد حڪيم سيد ابوطالب شاه دڙائي رحمت الله عليه سان سندس سوٽ وڙهيا هئا، جڏهين ته ان وقت پاڻ ٽيهن ۽ راقم ٽن چئن سالن جي عمر جو هيو. جهيڙي ۾ ڏک لڳڻ ڪري سندس ڦڦڙ ٻاهر نڪري آيا هئا. هو سيوهڻ اسپتال ۾ زيرِ علاج هيو. پاڻ پنهنجي حاضريءَ جي نوڪر محمد لائق جوڻيجو کي سندس طبيعت پڇڻ لاءِ موڪليائون. محمد لائق آيو ۽ اچي راقم جي والد سان مليو. ان بعد راقم جو والد جيڪو موت سان تقريباً همڪنار هيو سو بلڪل تندرست ۽ ٺيڪ ٿي ويو ۽ ان کان پوءِ به ٽيهه سال کن حيات رهيو. يعني سندن هڪ نظر سان کيس نئين حياتي ملي ويئي.

١٥- ڳوٺ بوبڪ جي پرسان آراضيءَ جي لڳ هڪ پنوهرن جو ڳوٺ آهي جنهن ۾ هڪ جماعت جو مسڪين شخص نالي الهه رکيو ولد محمد سليمان پنوهر رهندو هيو، جنهن کي نرينه اولاد ڪونه ٿيندو هو پوءِ راقم جي والد سان گڏ حضرت پير بادشاه قدس سره' وٽ ڪراچي آيو ۽ عرض ڪيائين، ”مون کي الله جي ذات کان پٽ وٺي ڏي.“ پاڻ فرمايائون، ”ڏني چڱي ڪندو.“ ان الله رکيو کي پٽ ڄائو جنهن پير بادشاه

جن کان خط لکي ڏنالو ورتو 'محمد نواز'، جو پڻ هن وقت اولادي عيالي آهي.

۱۶- مير محمود ٽالپر ويٺل خداداد لڳ ٽنڊو جان محمد، کي دل جي بيماري ٿي پيئي. ڊاڪٽرن چيو ته سندس دل جو والو (سوراخ) خراب ٿي پيو آهي. مسڪين ماڻهو ايتري دولت به نه هجي جو هو ڪنهن ٻاهرئين ملڪ وڃي پنهنجو علاج ڪرائي، حضرت پير بادشاه قدس سره' کي دعا لاءِ عرض ڪيائين، پاڻ مهرباني جي نظر ڪيائونس جو بغير دوا جي بلڪل تندرست ۽ صحت مند ٿي ويو ۽ اڃا تائين صحت مند گهمندو ڦرندو رهي ٿو.

اهڙيون ڪيتريون حقيقتون آهن جي سراسر ڪرامت کان خالي ڪونه آهن ۽ انهن جو هڪ طويل باب آهي مگر هت فقط نموني خاطر چند حقيقتن تي اڪتفا ڪئي ويئي آهي.

حضرت پير بادشاه خواجه گل حسن شاه قدس سره' جن پنهنجن مريد ٻچن تي بلا ڪنهن امتياز جي، پوءِ چاهي ڪير امير هجي يا غريب، سيد هجي يا ٻيو ڪير، حد کان وڌيڪ مهربان هئا. سندن فيض جي سخا جو بحر بي‌پايان، هرهڪ لاءِ هڪجيترو رهيو. ڪنهن لاءِ به ڪو فرق ڪونه هيو. هڪ قطار هوندي هئي. جنهن ۾ شاهه، نوڙي فقير گڏ ويٺل هوندا هئا ۽ ان قطار ۾ هلندي سندن دست بيعت ۽ زيارت ٿيندي هئي. پاڻ ڪڏهين به ڪنهن ۾ ڪا لالچ ڪونه رکيائون. پاڻ پنهنجن جد امجد جي اصول تي هلندي ڪڏهين به ڪنهن مريد جي در تي نه ويا نه وري ڪنهن کان ڪجهه گهر ڪري ورتائون. ڪڏهين به ڪنهن مريد تي ڪاوڙ ڪونه ڪيائون نه وري ڪنهن مريد کان ناراض رهيا.

باقي هر مريد کي پنهنجن مخالفن پير حسن بخش، پير محفوظ، پير علي گوهر، پير عبداللطيف ۽ پير سعيد حسن وارن کان قطع تعلق جو امر ڪندا رهندا هئا. جيڪڏهين ڪو فرد

منافقي کان ڪم وٺندي ڏٺي پاڻ هلندو هيو ته ان کي سختيءَ سان سرزنش ڪري هدايت ڪندا هئا، ”جي مون وٽ اچو ته هُنن ڏانهن نه وڃو، جي هُنن ڏانهن وڃو ته مون وٽ نه اچو.“

مرحوم قاضي محمد اشرف کان روايت آهي ته هڪ دفعي ڪي جماعت وارا هت ڪراچي آيا ۽ اسلام قلب ۾ رهيا انهن جون ڪي مايون صبح جو سولجر بازار ڏي سندن نياڻي بيبي بلقيس طرف ويون. اها خبر پوڻ تي حضرت پير بادشاه قدس سره، ڪين گهرائي هدايت ڪئي، ”جيڪو هنن ڏانهن وڃي اهو مون ڏانهن نه اچي“ آئنده لاءِ اهو خيال رکو.

دراصل جيڪڏهين سندن زندگي مبارڪ تي نظر وجهبي ۽ سندن مخالف عزيزن جي ڪردار کي نظر ۾ رکبو، ته اهو ڏسڻ ۾ ايندو ته اهي سندن اصل ڇم کان وٺي وصال مبارڪ تائين پر ان بعد به مخالف بنيا رهيا. جڏهين سندن عمر مبارڪ ٧٠ سال کن هئي، ۽ هوڏانهن پير حسن بخش پنهنجي ڀاڻيجي بيبي بلقيس پنهنجي پٽ عبدالقادر سان نڪاح ڪري پرڻائي ڇڏي، ان بعد انهن مخالفن وڏي ڪان وڏي جدوجهد ۽ ڪوشش ڪئي ته ڪيئن به ڪري هاڻي پير بادشاهه سان ٺاه ڪري وجهجي ته جيئن سندن جي بنگلي ۾ داخل ٿجي ۽ اچڻ وڃڻ شروع ڪجي ڇو ته هينئر پير سائين آهي پاڻ ڪنهن به وقت وفات ڪري سگهن ٿا. ان ڪري جيڪڏهين اچ وڃ ۽ داخلا هوندي ته سندن وفات کان پوءِ گادي ۽ ملڪيت تي آساني سان قبضو ڪري سگهنداسون. اهوئي سبب آهي جو هنن ٺاه ڪرڻ جا بعد ۾ ڏاڍا حيلا هلايا. جنهن جو ذڪر پاڻ هڪ هنڌ پنهنجي هٿن مبارڪن سان لکيو اٿن. ان ٿي منصوبي موجب ۴ جنوري ١٩٨١ع تي پير محفوظ وارن بيبي بلقيس کان ڪين ٽيليفون ڪرائي ۽ هو ڪلاڪ کان به وڌيڪ ڳالهه ٻولهه ڪندي رهي، مگر پاڻ ٺاه ڪرڻ کان بلڪل انڪار ڪيائون ۽ بعد ۾ فرمائيندا هئا، ”پير حسن بخش ۽ پير محفوظ بلقيس

Marfat.com

ڪي اهڙو پڙهائي پڪو پختو ڪري ڇڏيو آهي جو مون ٽيليفون تي سندس گفتگو مان سمجهيو ته ڄڻ پير حسن بخش ئي ڳالهائي رهيو آهي.“

**اولاد:-**

پاڻ چار شاديون ڪيائون جنهن مان پهرين شادي جا پير عبدالقادر جي دختر هئي ۽ سندن والد سائين قدس سره جن جي حياتيءَ مبارڪ ۾ ئي وفات ڪري ويئي هئي. جنهن مان ڪين هڪ نياڻي ”بيبي بلقيس“ ڄائي جا ادائي سالن جي هئي ته سندس ماما پير حسن بخش وارا وٺي ويا ۽ اتي ئي پروان چڙهي جنهن جو مٿي تفصيل سان ذڪر ڪيو ويو آهي. باقي ٽي شاديون بعد ۾ ڪيائون جي سندن وصال مبارڪ بعد به زنده رهيون ۽ هن وقت به جماعت جي مومنيائين لاءِ مشعل راه آهن ۽ ڪليل لفظن ۾ حضرت پير بادشاه قدس سره جن جي ڪيل وصيت مبارڪ، بابت سندن جاءِ نشينيءَ جي، قبله سائين حضرت پير فيض محمد صاحب نقشبندي لاءِ تائيد ۽ حمايت ڪندا رهن ٿا. شال انهن امان جيجن پاڪن جي پاڇهه جو پاڇو اسان جماعت وارن تي ڊگهي عرصي لاءِ الله پاڪ قائم رکي. آمين. ان ڪان سواءِ ٻيو ڪوبه اولاد ڪين ڪونه ٿيو اڪثر مريدن جي تقاضائن تي ته، ”قبله اوهان ته ڪيترن شخصن کي الله پاڪ ڪان پٽ وٺي ڏنا آهن، پنهنجي لاءِ رب پاڪ ڪان ڇو نه ٿا گهر ڪريو،“ ته جواب ۾ فرمائيندا هئا، ”درياءَ هيترو سارو پاڻي آڻي ڪيتري غيرآباد زمين کي سيراب ڪري وڻ ٽڻ ٻوٽا پيدا ڪري ٿو، مگر خود دريا جي اندر ڪوبه وڻ ٽڻ يا ٻوٽو ڪونه هوندو آهي.“ وري پاڻ به پنهنجي والد صاحب قدس سره جن کي اڪيلا فرزند هئا ڪين ٻه ڀينرون هيون. هڪ جيجي امان پاڪ حبيبة رحمة الله عليه، جيڪا پير عنايت حسين سان پرڻايل هئي، جنهن امرتسر ۾ وفات ڪئي ۽ بعد ۾ سندن ميت لواري شريف ۾ آڻي دفنايو ويو. سندن لاءِ حضرت پير

Marfat.com

بادشاه قدس سره' جن فرمائيندا هئا، "اِن ٻيٽ جو مون سان ڏاڍو پيار هوندو هيو. مان امرتسر ۾ بنگلي کان ٻاهر نڪري ويندو هوس ته ٿوري دير ٿيڻ تي پاڻ اندران ٻاهيءَ جي مٿان ٻانهي موڪلي گهرائي وٺندا هئا. جيستائين مون کي نه ڏسندا هئا تيستائين کين قرار ئي نه ايندو هيو. مون کان سواءِ ماني به ڪونه کائيندا هئا." ٻي بيبي عنايت جنهن سندن والد صاحب قدس سره' جي وصال مبارڪ بعد حصي لاءِ سندن مٿان ڪيس ڪيو. جنهن جي شادي ڀهريائين عبداللطيف سان پوءِ ان جي طلاق ڏيڻ بعد پير عنايت حسين سان ٿي، جا آخر دم تائين ڪنهن نه ڪنهن نموني سندن سان وڙهندي آئي ۽ ڪڏهين به دلي طرح سان ٺاهه نه ڪيائين. ان ڪراچيءَ ۾ وفات ڪئي ۽ اتي ئي مدفون آهي.

## وصال مبارڪ:-

حضرت پير بادشاه جن کي پنهنجي وصال جو اڳ ئي پرو پئجي چڪو هيو. پاڻ پنهنجي آخري ايامن ۾ اها تلقين ڪندا هئا، "جسم فنا آهي، روح باقي آهي ان ڪري روحي محبت هئڻ گهرجي." ان کان سواءِ روضه شريف حضرت سلطان الاولياءَ جي اندر ازغيبي جاءِ پيدا ٿي جو دروازي مبارڪ جي چائنٺ مبارڪ ۽ حضرت امام العالمين خواجه احمد زمان قدس سره' جن جي مرقد مبارڪ جي وچ ۾ بلڪل جاءِ ڪانه هئي، مون راقم پنهنجي والد حڪيم سيد ابوطالب شاه دڙائي رحمت الله عليه کان ٻڌو هيو ته جڏهين حضرت امام العالمين خواجه احمد زمان سائين قدس سره' جن جو وصال مبارڪ ٿيو هيو، تڏهين حضرت سلطان الاولياءَ قدس سره' جي پيڙهي مبارڪ جي اولهه ۾ فقيرن جاءِ کوٽي تيار ڪري ڇڏي هئي پوءِ جڏهين حضرت پير بادشاه قدس سره' جن آيا ته حڪم ڏنائون، "اها جاءِ لٽي اوپر طرف جاءِ تيار ڪريو." پوءِ حضرت امام العالمين خواجه احمد زمان سائين قدس سره' جن کي اتي پيڙهي مبارڪ جي اوپر ۾، دروازي مبارڪ ۽ پيڙهي مبارڪ جي وچ ۾ جاءِ ڏني

Marfat.com

ويئي. مگر وڏيڪ جاءِ بلڪل ڪونہ هئي جو زيارت ڪندي ڪي جماعت وارا چانئنٽ مبارڪ تي هٿ ڦيريندي حضرت امام العالمين خواجہ احمد زمان سائين قدس سرهٗ جن جي جاءِ مبارڪ کي پڻ ڇهي وٺندا هئا. (حاضري تي موجود دربان ائين ڪرڻ کان منع ڪندا هيا.) ڪجهہ سالن کان حضرت امام العالمين خواجہ احمد زمان سائين قدس سرهٗ جن جي جاءِ مبارڪ ۽ دروازي مبارڪ جي وچ ۾ خلا وڏيڪ پيدا ٿيڻ لڳو. پاڻ اڪثر مريدن کان پڇندا هئا، "ڪيتري جاءِ پيدا ٿي آهي؟" جڏهين خلا ايترو وڌي ظاهر ٿيو جتي هڪ ٻي جاءِ بہ تيار ٿي سگهي ٿي تہ پاڻ امر الاهي کي لبيڪ چوندي تاريخ ٢٦ ذي القعد سنہ ١٤٠٢هہ مطابق ١٥ سيپٽمبر ١٩٨٢ع تي اربع جي شام ۴ بجي اوچتو وصال فرمايائون. "شال سنڌن شفقت ۽ رحمت ڀريون دعائون اسان سان هميشه گڏ هجن." ڪين مومنن ڪارن جي جلوس ۾ ڪراچي کان لواري شريف آندو ويو. جتي روضہ شريف جي صحن تي سنڌن آخري زيارت ۽ ديدار جماعت ۽ آس پاس وارن کي نصيب ٿيو. ذوالقعد مبارڪ جي ٢٧ تاريخ صبح جو ٩-١٠ بجي ڌاري ڪين روضہ شريف مالڪ سلطان الاولياء قدس سرهٗ جي اندر پنهنجي والد صاحب قدس سرهٗ جي پهلو ۾ اوڀر طرف دروازي مبارڪ جي سامهون جاءِ ڏني ويئي جتي پاڻ ابدي آرام فرمائي رهيا آهن.

## حلقئہ ارادت:-

جيئن تہ پاڻ حضرت مالڪ سلطان اولاولياء قدس سرهٗ جا حقي وارث هئا، ان ڪري سنڌن ذاتي ۽ خانداني مريد لکن جي تعداد ۾ آهن جي نہ فقط سنڌ بلڪ پنجاب، بلوچستان، هندوستان، سعودي عرب، جاپان، متحده عرب امارات، برطانيہ ۽ ٻين ڪافي ملڪن ۾ بہ آهن ان ڪري سنڌن مريدن جو دائرو تمام وسيع آهي. مگر سڄي جماعت جي اندر فقط هڪ مريد

حضرت قبلہ پير فيض محمد صاحب نقشبندي سجاده نشين درگاه شريف حضرت علامہ حاجي قاضي احمد عليه رحمت جن کي ارشاد ڏيڻ جي اجازت هئي. جنهن جي دستاربندي به پاڻ پنهن جي جهوني ملازم مير حاجي سهراب جي معرفت ڪرائي هئائون. پئي ڪنهن به سندن مريد کي ارشاد ۽ تلقين ڏيڻ جي اجازت ڪونہ هئي.

سندن مريدن ۾ ڪافي هندو به آهن جن کي سندن تلقين ڏنل آهي. پاڻ پنهن جي آخري ايامن ۾ جماعت وارن کي ملاقات دوران اهو چوندا هوا، "آخر هيءُ دنيا فاني آهي، مون کي به هلڻو آهي، هن وقت تائين مون کي نرينہ اولاد نہ آهي، منهنجا مائٽ ۽ ڏيهہ ڌ. منهنجا مخالف آهن آخر مون کان پوءِ ڪير منهنجو جانشين ٿئي." آخرڪار صلاح مشوري سان پاڻ تاريخ ۲۲ جون ۱۹۷۸ع تي هڪ دستاويز پنهن جي جانشيني بابت انگريزي ۾ ٽائيپ ڪرائي تيار ڪرايائون. جنهن موجب حضرت قبلہ پير فيض محمد نقشبندي جن کي پنهن جو جاءِ نشين ۽ سندن بعد ٽيندڙ سجاده نشين درگاهہ لواري شريف مقرر ڪيائون. جن سندن وصال مبارڪ کان پوءِ سندن امر جي بجا آوري ڪندي سندن جاءِ نشيني اختيار ڪئي ۽ هينئر بحيثيت سجاده نشين درگاهہ عاليہ لواري شريف جي حضرت سلطان الاولياء روضہ ڌڻي بادشاه خواجہ محمد زمان قدس سره' جي خلافت کي قائم رکيو ۽ سندن فيض کي جاري وساري رکندا پيا اچن. سڄي جماعت کين پنهن جو مرشد ۽ روحاني رهبر تسليم ڪندي سجاده نشين درگاه عاليہ لواري شريف مڃيو آهي. شال تاابد حضرت شاه سلطان اولياء قدس سره' جن جو فيض پوري عالم انسانيت لاءِ برابر جاري رهي جيئن هن بي يقيني واري دور ۾ امن ۽ سک جي فضا قائم ٿي سگهي ۽ سندن ڏنل تعليم دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پهچي وڃي. آمين-

Marfat.com

مرشدِ ما گل حسن نورالهدیٰ - خازن رحمت شہہ لطف و عطا
تو ہمیشہ زندہ جاوید ہے - چشم عاجز سے اگرچہ چھپ گیا
غیب سے القا ہوا سالِ وصال - شاہ لواري مشکل کشا صاحب لوا

۱۴۰۲ هجري
(عاجز محمد آدم اسحاقاني)

منحصر در نقشبندیش نظامِ شش جہات
رشد ایمان و هدایت، دوزے مرگ و حیات
(خلیفہ نظرعلي ٹالپر)

گُل ز گلزارِ ولایت - گل حسن
طرہء تاجِ طریقت - گل حسن
کس نہ داند رتبۂ آن مردِ حق
از صحابہ رضہ داشت نسبت - گل حسن

معدن و دریا و بحر علم حق
عشق اوّل عشق آخر، هر سبق
از طفیلِ نسبتِ خواجہ زمان
خواندہ هر سِرّ، نوشتہ بر آفق

فقیر شہرشدی رونق دیارشدی
زبوئے نسبتِ بوبکر رضیہ مشک بارشدی
زُھاد ہوئے ریاضاتِ گُل حسن درسندہ
ادیب دامن ظلمات تار تار شدی

خوش بخت هے خوشحال هے قسمت کا دهنی هے
جو بات بهي چاهے وهی بات بنی هے
یہ اوج یہ عظمت یہ مقامات و مراتب
سب کچھ صلہ پیروی ء گل حسني هے
(ادیب رائے پوری)

Marfat.com

# مولف جو احوال

الحمدلله رب العالمين- سڀ تعريف جڳائي ٿي اُن محبوب حقيقي، خالق اڪبر کي جنهن هن حسين ڪائنات کي پنهنجي قدرت سان فقط هڪ لفظ "ڪُن" سان خلقيو آهي. هن مقولي جي لکندڙ مون، احسان احمد شاه ولد مرحوم حڪيم سيد ابو طالب شاه رحمت الله عليه ولد مرحوم رئيس ٿارو شاه دڙائي رحمت الله عليه ولد مرحوم سيد غلام شاه دڙائي رحمت الله عليه ولد مرحوم سيد قادر بخش شاه عرف قادر پير باجارائي رحمت الله عليه جو تعلق سنڌ جي لڪياري سادات خاندان سان آهي ۽ امام موسيٰ ڪاظم ع کان امام زين العابدين ع کان امام حسين عليه السلام سان وڃي ملي ٿو.

سان اُن مالڪ الڪل جا لک احسان مڃان ٿو جنهن مون کي منهنجي ننڍڙي امڙ جي جهوليءَ کان وٺي لواريءَ جي لالن ڏانهن راغب رکيو. منهنجو تعلق پنجن پيڙهين کان يعني حضرت قادر بخش شاه عرف قادر پير رح کان وٺي درگاه عاليه لواري شريف سان آهي. جو سڀ کان پهريائين سيد قادر بخش شاه رح درگاه عاليه لواري شريف جي ٽئين سجاده نشين حضرت غوث عالم، ڪوٽ ڏني بادشاه، خواجه محمد زمان ثاني قدس سره' جن جو دست بيعت تي مريد ٿيو. الحمدلله مالڪ الملڪ جا ڪروڙين قرب جنهن پنهنجي سڄاڻپ سان گڏ لواري جي لالن جي به سڄاڻپ نصيب ڪئي ۽ اُن سان گڏ لواريءَ جي لالن جي دشمنن جي به سڄاڻپ عطا ڪئي. رب پاڪ اهڙا خاص عنايت منهنجي خاندان سان ڪئي آهي. روايت آهي ته جڏهين حضرت خواجه غوث عالم ڪوٽ ڏني قدس سره' سان سنڌ پاٽر وڙهيا

Marfat.com

جواب ڏنو، ”اهي منهنجا خاص ماڻهو ۽ پيارا آهن انهن کي
ڪونه ڪيندس.“ جنهن تي شاه صاحب ڪيس فرمايو، ”اسان ته
تو کي چڱو ڪري سمجهندا هئاسون مگر هاڻي جيڪو تو وٽ
آياسون وري ڪونه ايندا سون.“ ۽ قطع تعلق ڪري ڇڏيائين.

وري جڏهين حضرت امام العالمين احمد زمان سائين قدس
سره، جو وصال مبارڪ ٿيو ته راقم جو والد حڪيم سيد ابو طالب
شاه دڙائي رحمت الله عليه درگاه شريف جو نوڪر هيو. جڏهين
پير حسن بخش، پير محفوظ، پير عبداللطيف وارن ٻيهي عنايت
سان ملي حضرت پير بادشاه خواجه گل حسن قدس سره، جن
جي خلاف فساد جهيڙا ۽ ڪيس ڪرايا، ته راقم جو والد جيل
۾ به وجهرايو ويو ۽ چوڏهن ڪيسن ۾ مک جوابدار هيو.

مان به ان مالڪ جا ڪروڙين احسان ۽ شڪر بجا آڻيان
ٿو جو مون کي به الله پاڪ پنهنجي مرشد ڪريم پير بادشاه
خواجه گل حسن قدس سره، جي سجاڻپ نصيب ڪئي ۽ آن
سان گڏ سندس دشمنن جي سڃاڻپ به عطا ڪيائين. دعا آهي
ان رب العزت جي دربار والا ۾ ته، مالڪ ڪريم منهنجي اولاد کي
لواري وارن لالن جي سڃاڻپ تا ابد عطا ڪري ۽ آن سان
گڏ لواريءَ جي لالن جي دشمنن جي سڃاڻپ نصيب ڪري.
آمين ثم آمين.

شال منهنجي والد ۽ جد امجد کي لواري وارن لالن جو
دائمي حضور حاصل هجي. آمين ثم آمين.

*

# مقولات حضرت پير بادشاه قدس سره

* پاڻ فرمايائون ته هن وقت مولوي وهابيت ڏانهن وڃي رهيا آهن ۽ سيد شيعت ڏانهن، ڪاليجي ڇوڪرا دهريت ڏانهن يعني خدا جي وجود جا منڪر ٿيندا وڃن، هينئر اهو دور هلي رهيو آهي.

* جڏهين امن ختم ٿي وڃي ٿو ۽ ظلم ٿئي ٿو تڏهن اتي خدا جو عذاب اچي ٿو. سو اهو عذاب آهي جيڪو هلي رهيو آهي. (١٩٧٣ع ۾ آيل ٻوڏ ڏانهن اشارو ڪندي.)

* هميشه بهادر ٿي هلو، دنيا ۾ بزدل نه ٿيو.

* خدا جو حڪم اڪيون پوري قبول ڪرڻو آهي. ان ۾ اهو اعتراض نه آڻبو ته هيئن ڇو آهي.

* پاڻ فرمايائون ته پڙهيل کان اڻ پڙهيل ۾ ايمان وڌيڪ هوندو آهي ڇو ته هو هڪڙي ڳالهه جهليو ويٺو هوندو آهي.

* پاڻ فرمايائون ته رسول ڪريم صلعم جو فرمان آهي، ”ڪو وقت اهڙو ايندو جو امير حج تي ويندا پنهنجو ناموس پيدا ڪرڻ لاءِ، وچولي درجي وارا واپار جي خيال سان ۽ غريب پنڻ لاءِ،“ هينئر اهو دور هلي رهيو آهي.

* ايئن ٻڌ لڳڻ سان قيامت ڪونه ٿيندي، اسان اچان موجون ڪونه مائيون آهن، موجون ماڻينداسين پوءِ قيامت ايندي.

*

Marfat.com

# پنھنجي پاران

الحمد للهﷲ، ڪتاب پير بادشاھ لواري شريف پاڱو چوٿون مڪمل ٿي، توھان وٽ پھتو ۽ اسان جنھن ڪتابي سلسلي کي شروع ڪيو اھو اڃا تائين جاري رھندو پيو اچي.

شروع کان ئي اسان ھر ممڪن اپاءُ وٺي نئين کان نئون مواد پنھنجن مھربان پڙھندڙن تائين پھچايو آھي. زير نظر ڪتاب ۾ پڻ حضرت پير بادشاھ قدس سره' جن جون ناياب تحريرون شامل آھن. اميد آھي ته قارئين ڪرام انھن مان ڪافي قدر روحاني حظ حاصل ڪندا.

ڪتاب مبارڪ جي تياري ۾ ھميشه وانگر، سيني دوستن ۽ بزرگن جو تمام گھڻو سات رھيو. انھن مھربانن جي طويل فھرست جو ھي ورق متحمل نٿو ٿي سگھي. پر جيڪا جاکوڙ ۽ سعيو محترم سائين مير محمد پيرزادي صاحب، جن اسان کي ڪتاب جي مھاڳ سان پڻ نوازيو ۽ محترم ممتاز مرزا صاحب جن پورو مسودو پنھنجي مشتاق نظرن مان ڪڍيو ۽ نھايت ڪارآمد مشورا پڻ ڏنا، ڪيو آھي، تنھن لاءِ سندن خصوصي شڪريه ادائي کان رھي نه ٿو سگھجي ۽ پڻ اسين محترم سيد احسان احمد شاھ صاحب جن جا نھايت ئي ٿورائتا آھيون، جن صاحبن ايتري سولي انداز ۾ حضرت پير بادشاھ قدس سره' جن تي نھايت خوبصورت تحرير سان نوازيون.

اسان ھر ممڪن ڪوشش وٺي ڪتاب جي پروفنگ تي تمام گھڻو زور ڏنو آھي، تاھم ڪابه ڪوتاھي نادانسته ھوندي جنھن کي اميد ته مھربان پڙھندڙ فراخدلي سان نظرانداز ڪندا.

Marfat.com

ڪتاب پاڪ متعلق توهان جي راءِ جو شدت
انتظار رهندو ته جيئن آئينده ڪنهن به اشاعت ۾ ڪا ڪوت
دهرائي نه وڃي.

**احسان گل ڏاهري**

جنرل سيڪريٽري

ناجيم شاگرد تنظيم جماعت لواري شر

*

*

*****

*

*

---

## درستي

صفحه ۲۷ تي حاشيه نمبر ۱ ۾ فارسي شعر ڪي درسـ
ڪري هيٺين ريت پڙهندا:

خـوش خبردار اي نسيمِ شمـال،
ڪه بما مـي رسـد زمانِ وصـال.

مقولا

* پاڻ
آهن
يعني
هلي

* جڏه
عذا
(۳

* هم

* خا
اعـ

* پار
آه

* پا
و

*

Marfat.com

Marfat.com

Marfat.com

Marfat.com

Marfat.com